جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC
CARTL.
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاهه
جلد 17 | جمعو 20 نومبر 2026ع بمطابق 09 جمادي الثاني 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 40

سنڌ ڪابينا پاران ڪراچي لاءِ 500 اليڪٽرڪ بسن ۽ 540 ملين ڊالرن جي اسٽار_واش پروگرام جي منظوري

وڏي وزير مراد علي شاهه جو ٽرانسپورٽ، صحت، صاف پاڻي ۽ سيڪيورٽي تي ڌيان؛ فلاحي منصوبا جلد مڪمل ڪرڻ جي هدايت

جنهن ۾ ڪراچي ۾ بهتر ۽ صاف سٿري پبلڪ ٽرانسپورٽ کان وٺي پاڻي ۽ صفائيءَ جون بهتر خدمتون، صحت جون وڌايل سهولتون ۽ وڌيڪ فعال سرڪاري ادارا شامل آهن

شروعات ۾ وڏي وزير سنڌ سمورن کاتن کي هدايت ڪئي ته اهي خاص طور تي تعليم، صحت جي سارسنڀال، پيئڻ جي صاف پاڻي ۽ نيڪال جي ترقياتي ڪمن ۾ تيزي آڻين

اسان جي ترجيح پيئڻ جو صاف پاڻي فراهم ڪرڻ ۽ پاڻيءَ جي فراهمي ۽ نيڪال جي منصوبن کي جلد کان جلد مڪمل ڪرڻ آهي ته جيئن ماڻهن کي رليف ملي سگهي ۽ لاڳاپيل کاتن کي هدايت

اهي غير ضروري دير کي ختم ڪن ۽ وقت سر عملدرآمد کي يقيني بڻائين. اجلاس ۾ صوبائي وزيرن، صلاحڪارن، خاص معاونن، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه ۽ لاڳاپيل انتظامي سيڪريٽرين شرڪت

گورنمينٽ ٽو گورنمينٽ معاهدي جي منظوري ڏني. 37.97 ارب رپين جي هن منصوبي تحت 12 ميٽر ڊگهين 300 بسون ۽ 200 ننڍيون بسون متعارف ڪرايون وينديون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ڪابينا اربع ڏينهن صوبي ۾ عوامي سهولتن جو معيار بهتر بڻائڻ جي وڏي فيصلي تحت ڪراچي لاءِ 500 اليڪٽرڪ بسن، اسٽار_واش (STAR_WASH)پروگرام لاءِ 540 ملين ڊالرن جي عالمي مالياتي پيڪيج، ۽ صحت، تعليم، عوامي تحفظ ۽ گورننس جي بهتريءَ جي مختلف منصوبن جي منظوري ڏئي ڇڏي. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدار/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

ڪراچي: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاهه اجلاس جي صدارت ڪندي

پنجاب ۾ قلم 144 تحت پابندين ۾ 30 ڏينهن جي واڌ

لاهور (م د) پنجاب ۾ قلم 144 تحت مختلف پابندين ۾ 30 ڏينهن جي واڌ جو نوٽيفڪيشن جاري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

جي ايڇ ڪيو حملي ڪيس جي ٻڌڻي بنا ڪارروائي ملتوي

راولپنڊي (م د) راولپنڊي جي دهشتگردي توڙ عدالت 9 مئي جي جي ايڇ ڪيو حملي واري ڪيس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

ادارن جي ڪارڪردگي ڏسڻ لاءِ نظام جوڙي چڪو: وزيراعظم

پي ايم او ايس جي شڪل ۾ وفاقي وزيرن، ڊويزنن ۽ ادارن جي ڪارڪردگي جانچڻ جي حوالي سان هڪ انتهائي موثر نظام جوڙي چڪو آهي

انهي سسٽم جي تحت ڏنل حدف ۽ ٽائم لائنز ۾ ڪنهن به قسم جي ڪابه دير برداشت نه ڪئي ويندي، وزيراعظم پي ايم او ايس کي وڌيڪ بهتر ۽ ڪارگر بنائڻ ۽ انهي حوالي سان لاڳاپيل ادارن جي وچ ۾ هم آهنگي ۽ رابطو وڌائڻ جي هدايت

اسان جي حڪومت زراعت جي شعبي ۾ تحقيقي سرگرمين کي هٿي ڏيڻ جي لاءِ هر ممڪن سرپرستي ۽ ڀرپور مالي مدد فراهم ڪندي ته جيئن جديد طريقن سان في ايڪڙ پيداوار ۾ اضافو ڪري سگهجي

في ايڪڙ پيداوار ۾ خاطر خواهه اضافي لاءِ جديد زرعي مشينري جو استعمال ضروري آهي جنهن جي آبادگارن تائين آسان فراهمي کي يقيني بڻائڻ اسان جي اولين ترجيح آهي

اجلاس کي پي ايم او ايس جي تحت قومي غذائي تحفظ واري وزارت جي ڪارڪردگي تي بريفنگ ڏني وئي ملڪ ۾ زرعي جنسن جي اسٽوريج جي صلاحيت بهتر بڻائڻ جي حوالي سان قدم کنيا پيا وڃن

سموري ملڪ مان هارين جي رجسٽريشن جي لاءِ (ميرا ڪسان) ڊيجيٽل ايپليڪيشن جي شروعات به ڪئي وئي آهي. حڪومتي سطح تي زرعي شعبي ۾ اداره جاتي اصلاحات به ڪئي پئي وڃي

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ پي ايم او ايس جي تحت قومي غذائي تحفظ واري وزارت جي ڪارڪردگي تي جائزه اجلاس اڄ وزيراعظم هائوس اسلام آباد ۾ منعقد ٿيو اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙن سان ڳالهيون ڪندي وزيراعظم چيو ته پي ايم او ايس جي شڪل ۾ وفاقي وزيرن، ڊويزنن ۽ ادارن جي ڪارڪردگي جانچڻ جي حوالي سان هڪ انتهائي موثر نظام/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف تقريب کي خطاب ڪندي

صدر ۽ وزيراعظم جون سياسي صورتحال تي ڳالهيون، مسئلا صلاح مشوري سان حل ڪرڻ تي اتفاق

جنهن دوران موجوده صورتحال، وچ اوڀر جي صورتحال ۽ ملڪ جي سياسي صورتحال تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

ماضي ۾ آئيني ترميمون سمورين اتحادي جماعتن جي گڏيل مشاورت سان ڪيون ويون هيون

سمورن معاملن تي گڏجي ويهي مشاورت ڪئي ويندي ۽ اتفاق راءِ سان انهن جو حل ڪڍيو ويندو

اسلام آباد (بيورو) صدر آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم شهباز شريف ملڪ جي سياسي صورتحال/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

شي جن پنگ، ٽرمپ ۽ پيوٽن جي تاريخي ملاقات، چيني صدر جو دنيا مان جوهري هٿيار ختم ڪرڻ تي زور

جنهن دوران ٽنهي ملڪن جي اڳواڻن عالمي امن ۽ سلامتي لاءِ گڏيل ذميواري ادا ڪرڻ تي زور ڏنو

ايٽمي هٿيارن تي مڪمل پابندي لاڳو ٿيڻ گهرجي ۽ ايٽمي هٿيار مڪمل طور تباهه ڪري دنيا کي ايٽمي هٿيارن کان پاڪ بڻائڻ گهرجي: چيني صدر

بيجنگ (م د) چيني صدر شي جن پنگ دنيا کي ايٽمي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

مولانا فضل الرحمان ۽ سندس پٽ اسعد محمود کان سيڪيورٽي واپس

ڊيره اسماعيل خان ۾ مولانا فضل الرحمان جي رهائشگاهه تي مقرر ايف سي کي واپس گهرايو ويو

مولانا فضل الرحمان سان گڏ مقرر پوليس جي سموري سيڪيورٽي به ختم ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا

اسلام آباد (بيورو) جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان ۽ انهي جي پٽ مولانا اسعد محمود کان حڪومت طرفان فراهم ڪيل /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

زال جو قتل ڪيس: مڙس جي عمر قيد جي سزا ڪالعدم، جوابدار آزاد

لاهور (م د) لاهور هاءِ ڪورٽ زال جي قتل واري ڪيس ۾ مڙس کي ٻڌايل عمر قيد جي سزا ڪالعدم/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

وزيراعظم شهباز شريف ڪراچي جو دورو ملتوي ڪري ڇڏيو

دوري جي دعوت چيئرمين پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري ڏني هئي

ڪراچي (رپورٽر) وزيراعظم شهباز شريف جو دورو ڪراچي ملتوي ڪري ڇڏيو ويو. دوري جي دعوت چيئرمين پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري ڏني ه/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

پي ٽي آءِ جو پيپلز پارٽي کان قومي اسيمبلي، سنڌ ۽ ڪي پي جون سيٽون واپس ڪرڻ جو مطالبو

سيني کي چون ٿا ته اچو ته عدليا ۽ چونڊن واري ڪميشن کي آزاد بڻايون ۽ ووٽ جي تقدس کي هميشه لاءِ پائمال ٿيڻ کان بچايون

جيڪڏهن نظام بهتر هوندو ته عوام خوشحال ٿيندو معيشت مضبوط ٿيندي ۽ سياسي استحڪام ايندو

اسلام آباد (بيورو) پي ٽي آءِ چيئرمين بيرسٽر گوهر پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کان قومي اسيمبلي، /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

عالمي امن لاءِ گڏيل سهڪار تي ٻڌل سلامتي پاليسي اٽر آهي: خواجه آصف

عالمي امن، سلامتي ۽ گڏيل قومن جي امن مشنز ۾ پاڪستان جون خدمتون هڪ روشن مثال آهن

گذريل ڏهاڪن دوران گڏيل قومن جي 48 امن مشنز ۾ 2 لک 37 هزار پاڪستاني اهلڪار خدمتون سرانجام ڏئي چڪا آهن

برسلز (م د) بچاءَ واري وفاقي وزير خواجا آصف چيو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

تربت: فيلڊ مارشل عاصم منير کي بريف ڪيو پيو وڃي

اسلام آباد: نائب وزيراعظم اسحاق ڊار اجلاس جي صدارت ڪندي

سنڌ ڪابينا جيمز اينڊ جيولري شعبي کي باقاعده صنعتي شعبي جو درجو ڏيڻ جو فيصلو

پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي منصوبن ۾ ٻوليءَ جي ضمانتي رقم جي گهٽ ۾ گهٽ حد ختم ڪرڻ جي به منظوري ڏني وئي آهي: شرجيل انعام ميمڻ

سنڌ ڪابينا صوبي جي معدني وسيلن تي صوبائي حڪومت جو اختيار برقرار رکڻ جو فيصلو ڪيو آهي

سرڪاري زمين جي شفاف الاٽمينٽ لاءِ قانوني فريم ورڪ ۾ ضروري ترميمون ٽن هفتن اندر پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته سنڌ ڪابينا جيمز اينڊ جيولري شعبي کي باقاعده صنعتي شعبي جو درجو ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي، جڏهن ته پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي منصوبن ۾ ٻوليءَ جي ضمانتي رقم جي گهٽ ۾ گهٽ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

سنڌ جي سرزمين تي الڳ حق جتائڻ تنگ نظري ۽ تعصب آهي: سعديه جاويد

وفاقي حڪومت کي ڪنهن صوبي جون حدون تبديل ڪرڻ يا نئون صوبو ٺاهڻ جو هڪ طرفو اختيار حاصل ناهي

آئين پاڪستان جي آرٽيڪل 239 جي شق 4 تحت ڪنهن صوبي جي حدن ۾ تبديلي لاءِ لاڳاپيل صوبائي اسيمبلي جي ٻه ٽهائي اڪثريت سان منظوري لازمي آهي

ورهاڱي کان اڳ وارين ميونسپل ڪميٽين جا انگ اکر پيش ڪري سنڌ جي تاريخي وحدت کي چيلينج نه ٿو ڪري سگهجي

ڪراچي (رپورٽر) ترجمان سنڌ حڪومت سعديه جاويد چيو ته وفاقي حڪومت کي ڪنهن صوبي جون حدون تبديل ڪرڻ يا نئون صوبو ٺاهڻ جو هڪ طرفو اختيار حاصل ناهي آئين پاڪستان جي آرٽيڪل 239 جي شق 4 تحت ڪنهن صوبي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

ڪراچي: ڪورنگي ۾ نجي چينل جي هيڊ آفيس ۾ لڳل باهه جو ڏيک

ايئرپورٽ جي پارڪنگ ۾ لفٽر سان کڻڻ دوران هائبرڊ ڪار سڙي رک

ڪراچي جي جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ جي پارڪنگ ۾ ڪار کي باهه لڳڻ جو واقعو گذريل هفتي پيش آيو

جناح ٽرمينل اينڊز هڪ شخص مبينا طور ڪار نو پارڪنگ واري هنڌ تي بيهاري هئي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ايئرپورٽ جي پارڪنگ ۾ لفٽر ذريعي کڻڻ دوران لکين رپين جي ماليت واري هائبرڊ ڪار سڙي رک ٿي وئي. /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

گيانچند ايسراڻي جي ڏڪار متاثر علائقن جو جائزو جلد مڪمل ڪرڻ ۽ امدادي تيارين کي اثرائتو بڻائڻ جي هدايت

متاثر علائقن جي ضرورتن جو تعين ڪرڻ ۽ لاڳاپيل سرڪاري ادارن توڙي انساني همدردي جي تنظيمن وچ ۾ رابطاڪاري کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ جي قدمن جو جائزو ورتو ويو

نيشنل هيومينيٽيرين نيٽ ورڪ (NHN) ۽ گڏيل قومن جي انساني معاملن واري رابطا دفتر (OCHA) پاڪستان جي نمائندن شرڪت ڪئي

اجلاس کي گڏيل قومن جي ادارن پاران ڏڪار متاثر علائقن جي جامع جائزي لاءِ تيار ڪيل منصوبي، طريقيڪار، جائزي جي اوزارن ۽ فيلڊ پلان بابت بريفنگ ڏني وئي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير جو بحالي کاتي بابت صلاحڪار گيانچند ايسراڻي جي صدارت هيٺ صوبائي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي (پي ڊي ايم اي) سنڌ جي هيڊڪوارٽرز ۾ ڏڪار کي منهن ڏيڻ لاءِ تيارين ۽ رابطاڪاري بابت ب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

سنڌ ۾ نه نوان صوبا ٺهندا ۽ نه ئي ڪو ريفرنڊم ٿيندو: اسماعيل راهو

چونڊيل سنڌ اسيمبلي اڳ ئي نون صوبن جي تجويز کي رد ڪري چڪي آهي، آئين ۾ صوبن بابت واضح طريقيڪار موجود آهي

سنڌ جا عوام ۽ سڀني سياسي جماعتون صوبي جي ورهاڱي کي نٿيون چاهين

ايم ڪيو ايم کي عوام جي جذبن سان کيڏڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو چيو ته سنڌ ۾ نه نوان صوبا ٺهندا ۽ نه ئي ڪو ريفرنڊم ٿيندو چونڊيل سنڌ اسيمبلي اڳ ئي نون صوبن جي تجويز کي رد ڪري چڪي آهي. آئين ۾ صوبن بابت واضح طريقيڪار موجود آهي هن جو چو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

فورسز جون ڪارروايون، فتنته الخارج جا 22 دهشتگرد مارجي ويا

16 ۽ 17 نومبر تي خيبرپختونخوا جي مختلف علائقن ۾ انٽيليجنس بنيادن تي آپريشن ڪيا ويا

ڏکڻ وزيرستان ۾ دهشتگردن جي موجودگيءَ جي اطلاع تي ڪارروائي دوران فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ 15 خوارج مارجي ويا

ضلعي بنون ۾ ٻن الڳ جهڙپن دوران 6 دهشتگرد مارجي ويا، ٽانڪ ۾ هڪ ٻيو دهشتگرد مارجي ويو

راولپنڊي (م د) خيبرپختونخوا جي مختلف ضلعن ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروايون دوران ڀارتي سرپرستيءَ ۾ سرگرم فتنته الخوارج جا 22 دهشتگرد مارجي ويا. آءِ ايس پي آر موجب 16 ۽ 17 نومبر تي خيبرپختونخوا جي مختلف علائقن ۾ انٽيليجنس بنيادن تي آپريشن ڪيا ويا. ڏکڻ وزيرستان ۾ دهشتگردن جي موجودگيءَ جي اطلاع تي ڪارروائي دوران فائرنگ جي ڏي و/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

شهيد ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ رينجرز سنڌ برڪت علي جي جنازي نماز ادا

ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ رينجرز برڪت علي آزاد ڪشمير جي ضلعي راولاڪوٽ ۾ فائرنگ جي واقعي ۾ شهيد ٿيو هو

جنازي نماز ۾ سينيئر سول، فوجي ۽ پوليس عملدارن شرڪت ڪئي ۽ شهيد جي بلند درجات لاءِ دعا گهري

ڪراچي (رپورٽر) شهيد ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ رينجرز سنڌ برڪت علي جي جنازي نماز ڪراچي ۾ ادا ڪئي وئي. ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ رينجرز /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

نون صوبن جي قيام جو معاملو سياسي، جمهوري ۽ آئيني طريقي سان حل ٿيڻ گهرجي: خالد مقبول صديقي

ايم ڪيو ايم جو واضح موقف آهي ته آبادي ۾ واڌ سان گڏ نوان صوبا به ٺاهيا وڃن، چو ته صوبا به ضلعن ۽ ڊويزنن وانگر انتظامي يونٽ آهن

هن بلاول ڀٽو زرداري پاران خونريزي بابت بيان تي وفاقي حڪومت ۽ عدالتن کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو

ايم ڪيو ايم بلاول ڀٽو جي مينڊيٽ جو احترام ڪري ٿي ۽ ان سان ڳالهه ٻولهه لاءِ تيار آهي، پر نون انتظامي يونٽن جي قيام لاءِ قانوني، عدالتي ۽ پارلياماني جدوجهد جاري رهندي

ايم ڪيو ايم پاڪستان جي مرڪز بهادرآباد ۾ پارٽي اڳواڻن امين الحق، وسيم اختر ۽ ٻين سان گڏ پريس ڪانفرنس

ڪراچي (رپورٽر) متحده قومي موومينٽ پاڪستان جي چيئرمين ۽ وفاقي وزير تعليم ڊاڪٽر خالد مقبول صديقي چيو آهي ته نون صوبن جي قيام جو معاملو سياسي، جمهوري ۽ آئيني طريقي سان حل ٿيڻ گهرجي. ايم ڪيو ايم جو واض/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

ڪراچي: ايم ڪيو ايم پاڪستان جو چيئرمين ڊاڪٽر قادر مقبول صديقي پريس ڪانفرنس ڪندي

پوليس ٿاڻي نوديرو جي حد ۾ ڌاڙيل اويس ڪوڪراڻي سميت ٻن گهربل جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو

ڪراچي (رپورٽر) لاڙڪاڻي پوليس ٿاڻي نوديرو جي حدن ۾ موهل چوڪڙي واري علائقي ۾ ڪارر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

نقيب الله قتل ڪيس ۾ اڳوڻي ايس ايس پي ملير رائو انوار ۽ ٻين جوابدارن جي بريت خلاف داخل اپيلن جي ٻڌڻي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ نقيب الله قتل ڪيس ۾ اڳوڻي ايس ايس پي ملير رائو انوار ۽ ٻين جوابدارن جي بريت خلاف داخل اپيلن ج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

مڙس ۽ ساهورن جي تشدد جو نشانو بڻيل عورت فوت

وارثن پاران حيدرآباد پريس ڪلب اڳيان لاش رکي احتجاج ڪيو ويو

ٽن ٻارن جي ماءُ آخري جو لاش حيدرآباد پريس ڪلب جي سامهون ايمبولينس ۾ آندو ويو

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد ۾ هڪ افسوسناڪ واقعو پيش آيو آهي، مڙس ۽ ساهورن جي تشدد جو نشانو بڻيل 29 سالن جي سدرا فوت ٿي وئي ، وارثن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

جناح اسپتال ڪراچي ۾ سيڪيورٽي گارڊن وچ ۾ جهيڙي جو واقعو پيش

سيڪيورٽي گارڊ سرڪاري سيڪيورٽي شفٽ انچارج کي ساٿين سميت تشدد جو نشانو بڻائي ڇڏيو

معاملو حل ڪري ورتو ويو آهي ۽ ٻنهي سيڪيورٽي گارڊن وچ ۾ صلح به ڪرائي وئي آهي

ڪراچي (رپورٽر) جناح اسپتال ڪراچي ۾ سيڪيورٽي گارڊن وچ ۾ جهيڙي جو واقعو پيش آيو جتي خانگي ڪمپني جي سيڪيورٽي گارڊ سرڪار/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

سنڌ جي ورهاڱي کي ڪنهن به صورت قبول نه ڪيو ويندو: سنڌ حڪومت

صوبو ڪروڙين سنڌين جي ماءُ ۽ تاريخي ۽ تهذيبي سڃاڻپ جو امين آهي: سنڌ حڪومت

خالد مقبول صديقي جي سنڌ جي ورهاڱي بابت پريس ڪانفرنس تي سنڌ حڪومت جي وزيرن ۽ ترجمانن سخت ردعمل جو اظهار

چيئرمين پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري جي ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس قومي يڪجهتي، ملڪي بهتري ۽ عوامي امنگن جي ترجماني هئي

قومي اهميت جا فيصلا آئين، جمهوري اصولن ۽ عوامي خواهشن کي نظر ۾ رکي ڪيا وڃڻ گهرجن

ڪراچي (رپورٽر) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي سربراهه ۽ وفاقي وزير خالد مقبول صديقي جي سنڌ جي ورهاڱي بابت پريس ڪانفرنس تي سنڌ حڪومت جي وزيرن ۽ ترجمانن سخت ردعمل جو اظهار ڪندي چيو آهي ته سنڌ جي ورهاڱي کي ڪنهن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ آمريڪي ڊالرن جي خريداري جي نالي تي خاتون وڪيل سان مبينا فراڊ خلاف درخواست جي ٻڌڻي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ آمريڪي ڊالرن جي خريداري جي نالي تي خاتون وڪيل سان مب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي آئيني بينچ ڊائو يونيورسٽي پاران افغان شاگردن کي جاري ڪيل نوٽيسن خلاف داخل درخواست

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي آئيني بينچ ڊائو يونيورسٽي پاران افغان شاگردن کي جاري /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

توهين عدالت واري درخواست تي ڊائريڪٽر جنرل پاسپورٽ اينڊ اميگريشن کي ايندڙ ٻڌڻي تي ذاتي حيثيت ۾ پيش ٿيڻ جو حڪم

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ٻارن کي پاسپورٽ جاري نه ڪرڻ بابت توهين عدالت واري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

سنگاپور: وفاقي وزير محمد اورنگزيب اجلاس جي صدارت ڪندي

سنڌ جي وحدت ۽ بقا لاءِ آخري دم تائين جدوجهد جاري رکي ويندي: عامر نواز وڙائچ

سنڌ جي وحدايت تي ڪوبه وار برداشت نه ڪيو ويندو

ڪراچي بار جي صدر عامر نواز وڙائچ سکر هاءِ ڪورٽ بار ۽ ڊسٽرڪٽ بار ۾ خطاب

سکر (رپورٽر) ڪراچي بار جو صدر عامر نواز وڙائچ سکر پهچي ويو جتي هن سکر هاءِ ڪورٽ بار ۽ ڊسٽرڪٽ بار کي خطاب ڪندي چيو آهي ته س/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

سنڌ هاءِ ڪورٽ نهر خيام تي جاري تعميرات خلاف داخل درخواستن جي ٻڌڻي

ڪي ڊي اي کي ايندڙ ٻڌڻي تائين تعميراتي ڪم فوري روڪڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

سپريم ڪورٽ اڳ ئي نهر خيام تي تعميرات کان روڪي چڪي آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ نهر خيام تي جاري تعميرات خلاف داخل درخواستن جي ٻڌڻي ڪندي ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي (ڪي ڊي اي) کي اي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ لياقت آباد ۾ 90 گز جي پلاٽ تي 10 ماڙ عمارت جي غير قانوني تعميرات خلاف درخواست جي ٻڌڻي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ لياقت آباد ۾ 90 گز جي پلاٽ تي 10 ماڙ عمارت جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

پاڪستان ڀارت لاءِ پنهنجي فضائي حدن جي بندش ۾ وڌيڪ هڪ مهيني جي واڌ ڪري ڇڏي

جنهن ڪانپوءِ هي پابندي 23 ڊسمبر 2026ع تائين برقرار رهندي

رجسٽرڊ ڪمرشل، جيٽ مسافر ۽ فوجي جهازن کي پاڪستاني فضائي حدون استعمال ڪرڻ جي اجازت نه هوندي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان ڀارت لاءِ پنهنجي فضائي حدن جي بندش ۾ وڌيڪ هڪ مهيني جي واڌ ڪري ڇڏي آهي. جنهن ڪانپوءِ هي پابند/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

بلاول پاران عوام کي خون جون نديون وهائڻ جون ڌمڪيون ڏيڻ شرمناڪ ۽ ناقابل قبول آهي: جماعت اسلامي

پيپلز پارٽي گذريل 18 سالن کان سنڌ تي حڪمراني ڪري رهي آهي، پر ڪراچي سميت پورو صوبو تباهي جو منظر پيش ڪري رهيو آهي

پيپلز پارٽي ڪراچي جي شهرين کي ڌمڪيون ڏيڻ بدران پنهنجي 18 سالن جي ڪارڪردگي جو جواب ڏئي اداري نور حق ۾ پريس ڪانفرنس

پيپلز پارٽي جو ماضي جمهوريت دشمني، اقتدار جي سياست ۽ اسٽيبلشمينٽ کان مفاد حاصل ڪرڻ جي تاريخ سان ڀريل آهي

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي ڪراچي جي امير منعم ظفر خان چيو آهي ته بلاول ڀٽو زرداري پاران سنڌ جي شهري علائقن جي عوام کي خون جون نديون وهائڻ جون ڌمڪيون ڏيڻ شرمناڪ ۽ ناقابل قبول آهي پيپلز پارٽي گذريل 18 سالن کان سن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

ڪراچي: امير جماعت اسلامي ڪراچي منعم ظفر خان پريس ڪانفرنس ڪندي

ڪراچي ۾ ماضي ۾ به نسلي بنيادن تي رتوڇاڻ جون سازشون ڪيون ويون آهن: امتياز شيخ

چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ان ئي تناظر ۾ ڳالهه ڪئي آهي وفاقي وزير بلاول ڀٽو جي بيان کي غلط تناظر ۾ پيش ڪري رهيا آهن

هن وفاقي حڪومت کي آئينو ڏيکاريو ته وزير برو مڃي ويا، جيتوڻيڪ هن جو بيان حڪومت لاءِ هڪ سنجيده سياسي پيغام آهي

صدر آصف علي زرداري ۽ بلاول ڀٽو ماضي ۾ باني پي ٽي آءِ کي به آئينو ڏيکاري چڪا آهن

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ امتياز شيخ چيو آهي ته ڪراچي ۾ ماضي ۾ به نسلي بنيادن تي رتوڇاڻ جون سازشون ڪيون ويون آهن ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ان ئي تناظر ۾ ڳالهه ڪئي آهي وفاقي وزير بلاول ڀٽو جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

جمهوري سوچ جي ترجمان

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي

جمعو 20 نومبر 2026ع بمطابق 09جمادي الثاني 1448ھ

جمهوريت، آئيني بالادستي ۽ سنڌ جي وحدت

ملڪ ۾ جمهوريت جي مضبوطي، آئيني بالادستي، صوبائي خودمختياري ۽ وفاقي وحدت جو سوال هڪ ڀيرو ٻيهر سياسي بحث جو مرڪز بڻجي ويو آهي. وفاقي وزيرن ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻن وچ ۾ بيان بازي، نون صوبن جي قيام، ريفرنڊم ۽ سنڌ اسيمبلي جي قرارداد بابت پيدا ٿيل صورتحال رڳو ٻن سياسي جماعتن جي اختلافن تائين محدود ناهي، پر ان جا اثر ملڪ جي وفاقي نظام، جمهوري روايتن ۽ صوبن وچ ۾ اعتماد تي پڻ پئجي سگهن ٿا. پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙي پاران وفاقي وزيرن جي بيانن تي سخت ردعمل، وزيراعظم شهباز شريف کان وفاقي ڪابينا کي ٻيهر ترتيب ڏيڻ جو مطالبو ۽ سنڌ اسيمبلي جي قرارداد جي احترام جو سوال موجوده سياسي صورتحال جي اهميت کي وڌيڪ واضح ڪري ٿو. پاڪستان جو سياسي نظام پارلياماني جمهوريت ۽ اتحادي سياست جي بنيادن تي هلي رهيو آهي. ڪنهن به حڪومت لاءِ رڳو اقتدار حاصل ڪرڻ ڪافي ناهي، پر ان کي سياسي ساٿين، مخالف ڌر، صوبن ۽ پارليامينٽ سان احترام وارو رويو اختيار ڪرڻو پوندو آهي. موجوده وفاقي حڪومت کي اقتدار ۾ رهڻ لاءِ مختلف سياسي ڌرين جي حمايت حاصل آهي. پيپلز پارٽي وفاقي ڪابينا جو حصو نه هجڻ باوجود حڪومت جي آئيني ۽ جمهوري تسلسل لاءِ پارلياماني حمايت فراهم ڪري رهي آهي. اهڙي صورتحال ۾ اتحادي جماعتن وچ ۾ اختلافن کي بيان بازي ۽ الزام تراشي ذريعي وڌائڻ بدران سياسي ڳالهين ۽ گڏيل احترام سان حل ڪرڻ جي ضرورت آهي. نثار احمد کهڙي جو موقف آهي ته پيپلز پارٽي ملڪ ۾ جمهوريت جو تسلسل برقرار رکڻ لاءِ مسلم ليگ (ن) جي حڪومت جي حمايت ڪئي آهي، تنهن ڪري وفاقي وزيرن کي اهڙا بيان ڏيڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي، جيڪي اتحادي لاڳاپن ۽ حڪومت جي استحڪام تي اثرانداز ٿين. حقيقت اها آهي ته اتحادي حڪومتن جي ڪاميابي جو دارومدار هڪ ٻئي جي سياسي حيثيت ۽ اختلاف راءِ کي برداشت ڪرڻ تي هوندو آهي. وزيراعظم شهباز شريف لاءِ پڻ ضروري آهي ته هو وفاقي ڪابينا جي ميمبرن جي بيانن ۽ سياسي روين ۾ هم آهنگي کي يقيني بڻائي، جيئن حڪومت جا اندروني اختلاف عوامي سطح تي جمهوري نظام لاءِ نئون بحران پيدا نه ڪن.

ٻئي طرف نون صوبن جي قيام بابت بحث هڪ انتهائي حساس آئيني ۽ سياسي معاملو آهي، جنهن کي سياسي بيانن، انتظامي ضرورتن يا ڪنهن هڪ جماعت جي خواهش تائين محدود نٿو ڪري سگهجي. پاڪستان جو آئين وفاقي ڍانچي ۾ صوبن جي حيثيت ۽ حدن بابت واضح طريقيڪار مقرر ڪري ٿو. آئين جي آرٽيڪل 239 جي شق 4 موجب ڪنهن به صوبي جي حدن ۾ تبديلي بابت آئيني ترميم وارو بل ان وقت تائين صدر ڏانهن منظوري لاءِ نٿو موڪلي سگهجي، جيستائين لاڳاپيل صوبائي اسيمبلي ان کي پنهنجي ڪل ميمبرن جي گهٽ ۾ گهٽ ٻن ڀاڱي ٽن اڪثريت سان منظور نه ڪري. ان ڪري نئين صوبي جي قيام بابت بحث ۾ سڀ کان اهم سوال آئيني طريقيڪار، لاڳاپيل صوبائي اسيمبلي جي رضامندي ۽ عوامي نمائندگي جو آهي. ريفرنڊم جي مطالبي کي به آئين جي مقرر ڪيل طريقيڪار کان الڳ ڪري پيش ڪرڻ بدران ان جي قانوني حيثيت ۽ آئيني دائري ۾ ڏسڻ گهرجي. سياسي اڳواڻن کي گهرجي ته عوام کي آئيني حقيقتن کان آگاهه ڪن ۽ اهڙا موقف اختيار نه ڪن، جن سان غلط فهمين ۽ غير ضروري تڪرار پيدا ٿين.

سنڌ اسيمبلي پاران نئين صوبي ۽ سنڌ جي حدن ۾ تبديلي خلاف قرارداد جي منظوري پڻ هن بحث جو اهم پاسو آهي. سنڌ اسيمبلي سنڌ جي چونڊيل عوامي نمائندن جو آئيني ادارو آهي، جنهن جا فيصلا سياسي ۽ جمهوري اهميت رکن ٿا. ڪنهن به ٻئي صوبي جي اسيمبلي جي عهديدار يا سياسي اڳواڻ کي سنڌ اسيمبلي جي قرارداد بابت اختلاف راءِ رکڻ جو حق ضرور آهي، پر ان اختلاف جو اظهار آئيني ادارن جي احترام ۽ پارلياماني روايتن جي دائري ۾ ٿيڻ گهرجي. سنڌ اسيمبلي جي قرارداد کي ڪا حيثيت نه هجڻ وارو موقف سنڌ جي سياسي حلقن ۾ سوال ۽ ردعمل پيدا ڪري سگهي ٿو. ملڪ جي وفاقي نظام ۾ هر صوبي جي اسيمبلي جي آئيني حيثيت برابر آهي، تنهن ڪري هڪ صوبي جي چونڊيل نمائندن جي گڏيل فيصلي کي نظرانداز ڪرڻ سان وفاقي وحدت بابت خدشا وڌي سگهن ٿا. وفاق جي مضبوطي جو بنياد صوبن جي خودمختياري، آئيني حقن ۽ چونڊيل ادارن جي احترام تي قائم آهي.

سنڌ جي حوالي سان نون صوبن جو بحث رڳو انتظامي ورهاست جو معاملو نه آهي، پر ان سان تاريخ، ثقافت، ٻولي، جاگرافيائي سڃاڻپ ۽ عوامي جذبن جا ڪيترائي پهلو پڻ جڙيل آهن. سنڌ صدين کان پنهنجي تاريخي ۽ ثقافتي سڃاڻپ رکندڙ خطو آهي. ڪراچي کان ڪشمور، ڪينجهر کان ڪارونجهر تائين سنڌ جي ماڻهن جي گڏيل تاريخ، ٻولي، ثقافت ۽ سماجي لاڳاپن هڪ وحدت جو تصور قائم ڪيو آهي. سنڌ ۾ انتظامي مسئلن، شهري سهولتن، وسيلن جي ورڇ، روزگار، تعليم ۽ صحت بابت جيڪي به شڪايتون آهن، انهن کي حل ڪرڻ لاءِ بهتر حڪمراني، بااختيار مقامي ادارن، شفاف انتظامي نظام ۽ وسيلن جي منصفاڻي ورڇ جي ضرورت آهي. انتظامي ڪمزورين جو حل لازمي طور نئين صوبي جي قيام ۾ ڳولڻ بدران موجوده آئيني ۽ انتظامي ڍانچي کي بهتر بڻائڻ بابت سنجيده بحث ٿيڻ گهرجي. ڪراچي سميت سنڌ جي سمورن شهرن ۾ رهندڙ مختلف ٻولين ۽ ثقافتن سان تعلق رکندڙ ماڻهن جا مسئلا به گڏيل حڪمت عملي سان حل ڪرڻ گهرجن.

ان سلسلي ۾ لساني بنيادن تي سياست ڪرڻ ۽ هڪ ٻئي خلاف نفرت ڦهلائڻ ڪنهن به صورت ۾ ملڪ يا سنڌ جي مفاد ۾ ناهي. ڪراچي سنڌ جو معاشي، صنعتي ۽ تجارتي مرڪز آهي، جتي مختلف ٻولين، قومن ۽ ثقافتن سان تعلق رکندڙ ماڻهو نسلن کان آباد آهن. انهن سڀني ماڻهن جا حق، روزگار، تحفظ ۽ شهري سهولتون يقيني بڻائڻ حڪومت جي ذميواري آهي. ڪنهن به سياسي اڳواڻ کي اهڙا بيان ڏيڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي، جن سان لساني سڃاڻپ جي بنياد تي ماڻهن وچ ۾ فاصلا پيدا ٿين. ساڳئي وقت سنڌ جي وحدت بابت سنڌي عوام جي خدشن ۽ احساسن کي به سنجيدگي سان سمجهڻ ضروري آهي. اختلافن کي جمهوري بحث، دليل ۽ آئيني طريقيڪار سان حل ڪرڻ ئي سياسي بلوغت جو ثبوت آهي. خونريزي، ٽڪراءُ ۽ نفرت بابت بيانن بدران سياسي قيادت کي امن، برداشت ۽ گڏيل شهريت جو پيغام ڏيڻ گهرجي.

بلاول ڀٽو زرداري پاران سياسي جماعتن کي متحد ٿيڻ ۽ نفرت جي سياست کان پاسو ڪرڻ بابت ڏنل موقف ۽ نون صوبن جي معاملي تي مختلف وفاقي وزيرن جا بيان ظاهر ڪن ٿا ته ملڪ جي سياسي قيادت کي پنهنجي ڳالهين ۽ عمل ۾ وڌيڪ ذميواري جو مظاهرو ڪرڻو پوندو. ڪنهن به سياسي جماعت کي پنهنجي موقف جي وضاحت ڪرڻ ۽ ٻين جماعتن تي تنقيد ڪرڻ جو جمهوري حق حاصل آهي، پر تنقيد جو بنياد دليل، آئين ۽ حقيقتن تي هجڻ گهرجي. سياسي اختلافن کي لساني يا صوبائي تڪرار جو رنگ ڏيڻ سان نه رڳو عوامي اعتماد متاثر ٿيندو، پر وفاقي نظام ۾ موجود حساس معاملن کي به وڌيڪ پيچيده بڻائي سگهجي ٿو.

ملڪ هن وقت معاشي بحران، مهانگائي، بيروزگاري، توانائي جي کوٽ، تعليم ۽ صحت جي خراب صورتحال سميت ڪيترن ئي مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي. عام ماڻهو کي روزگار، سستو علاج، معياري تعليم، صاف پاڻي ۽ بنيادي سهولتن جي ضرورت آهي. اهڙي صورتحال ۾ سياسي قيادت جو گهڻو وقت هڪ ٻئي خلاف بيان بازي ۽ نون صوبن جي تڪراري بحث ۾ گذرڻ بدران عوامي مسئلن جي حل تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. وفاقي حڪومت ۽ صوبائي حڪومتن کي گڏجي معاشي بحالي، مهانگائي تي ضابطي، روزگار جي موقعن، وسيلن جي منصفاڻي ورڇ ۽ عوامي خدمتن جي بهتري لاءِ عملي قدم کڻڻ گهرجن.

وزيراعظم شهباز شريف تي اها ذميواري عائد ٿئي ٿي ته هو وفاقي ڪابينا جي ميمبرن کي آئيني ذميوارين، اتحادي جماعتن جي احترام ۽ سياسي بيانن ۾ احتياط بابت واضح هدايتون ڏئي. پيپلز پارٽي ۽ مسلم ليگ (ن) سميت سمورين سياسي جماعتن کي به گهرجي ته هو پنهنجي اختلافن کي پارليامينٽ ۽ ڳالهين ذريعي حل ڪن. سنڌ اسيمبلي جي قرارداد، صوبائي خودمختياري ۽ نون صوبن جي قيام بابت بحث کي آئيني دائري ۾ رکڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. وفاقي ادارن ۽ صوبائي اسيمبلين جي عزت، جمهوريت جي تسلسل ۽ عوامي راءِ جي احترام کان سواءِ مضبوط وفاق جو تصور ممڪن ناهي.

پاڪستان جي مضبوطي نون تڪرارن، لساني ورهاست يا سياسي محاذ آرائي ۾ نه، پر جمهوري ادارن جي استحڪام، آئيني بالادستي، صوبائي خودمختياري، سياسي برداشت ۽ عوامي حقن جي تحفظ ۾ آهي. سنڌ سميت ملڪ جي هر صوبي کي پنهنجي سڃاڻپ، وسيلن ۽ آئيني اختيارن جو تحفظ ملڻ گهرجي. سياسي قيادت کي سمجهڻ گهرجي ته اقتدار عارضي آهي، پر آئين، وفاق ۽ جمهوري ادارا ملڪ جي مستقل بقا جا بنياد آهن. تنهن ڪري وقت جي تقاضا آهي ته سياسي جماعتون ذاتي ۽ جماعتي مفادن کان مٿانهون ٿي گڏيل قومي مفادن کي ترجيح ڏين، اختلافن کيحل ڪن ۽ عوام کي ورهاست بدران اتحاد، امن ۽ جمهوري استحڪام جو پيغام ڏين.

بلاول ڀٽو جي ڳالهه ۾ وزن، مسئلو صوبن جو نه پر نظام جو آهي

غلام مصطفيٰ جمالي

پاڪستان جي سياسي تاريخ تي نظر وجهجي ته هر ڪجهه عرصي ڪانپوءِ ملڪ ۾ نون صوبن ۽ انتظامي ورهاستن بابت بحث شروع ٿي ويندو آهي. سياسي اڳواڻ پنهنجن پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندا آهن. بيان جاري ٿيندا آهن ۽ سياسي جماعتن وچ ۾ اختلافن جو هڪ نئون سلسلو شروع ٿي ويندو آهي، پر افسوس جو انهن بحثن دوران عام ماڻهوءَ جا بنيادي مسئلا پوئتي رهجي ويندا آهن. سوال اهو آهي ته ڇا پاڪستان جا مسئلا واقعي نوان صوبا ٺاهڻ سان حل ٿي ويندا يا موجوده نظام کي بهتر بڻائڻ سان ملڪ ترقيءَ جي رستي تي هلي سگهندو؟ منهنجي نظر ۾ هن وقت ملڪ کي نون صوبن کان وڌيڪ بهتر حڪمراني، مضبوط ادارن ۽ عوامي خدمت تي ٻڌل نظام جي ضرورت آهي.

بلاول ڀٽو زرداريءَ جي موقف ۾ ان ڏ تائين وزن ضرور آهي ته ملڪ جي مسئلن جو حل انتظامي ورهاستن ۾ ڳولڻ بدران پهرين موجوده نظام کي بهتر بڻائڻ گهرجي. خاص طور سنڌ جي حوالي سان ڪنهن به قسم جي ورهاست جو بحث عوام ۾ خدشا پيدا ڪري ٿو، ڇاڪاڻ ته سنڌ رڳو انتظامي حدبنديءَ جو نالو ناهي، پر اها هزارين سالن جي تاريخ، پنهنجي ٻولي، ثقافت، تهذيب ۽ گڏيل سڃاڻپ رکي ٿي. سنڌ جي وحدت ۽ سڃاڻپ جو احترام ڪندي عوام جي مسئلن جو حل ڳولڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. البت ڪنهن به سياسي اڳواڻ جي موقف کي سمجهڻ وقت سندس اصل بيان ۽ سياسي مؤقف کي درست نموني بيان ڪرڻ به ضروري آهي.

اسان کي اهو سمجهڻ گهرجي ته نوان صوبا ٺاهڻ سان پاڻمرادو نه مهانگائي ختم ٿيندي، نه بيروزگاريءَ جو خاتمو ايندو، نه اسپتالن ۾ سهولتون وڌنديون ۽ نه ئي سرڪاري اسڪولن جي حالت بهتر ٿيندي. جيڪڏهن موجوده صوبائي نظام ۾ عوام کي بنيادي سهولتون نٿيون ملن ته رڳو نئين انتظامي نقشي سان ڪهڙي تبديلي ايندي؟ نئون صوبو ٺاهڻ لاءِ نوان انتظامي خرچ، نيون وزارتون، نوان دفتر ۽ نوان سياسي عهدا به پيدا ٿيندا. ان سان گڏ نئين انتظامي جوڙجڪ، وسيلن جي ورڇ ۽ اختيارن بابت به ڪيترائي سوال پيدا ٿيندا. تنهنڪري سڀ کان پهرين اهو ڏسڻ ضروري آهي ته موجوده نظام جون ڪمزوريون ڪهڙيون آهن ۽ انهن کي ڪيئن ختم ڪري سگهجي ٿو.

ملڪ جو اصل مسئلو اهو آهي ته حڪومتي پاليسين جا فائدا عام ماڻهوءَ تائين نٿا پهچن. وڏن شهرن ۾ ترقياتي منصوبن جا اعلان ٿين ٿا، پر ٻهراڙين ۾ ماڻهو اڄ به صاف پاڻي، صحت، تعليم، روزگار ۽ سٺن رستن لاءِ پريشان آهن. سنڌ جي بدين، ٿرپارڪر، عمرڪوٽ، سجاول ۽ ٻين ضلعن ۾ ڪيترائي اهڙا علائقا آهن، جتي بنيادي سهولتن جي کوٽ عوام جي روزاني زندگيءَ کي ڏکيو بڻائي ڇڏيو آهي. ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ پيئڻ جو صاف پاڻي موجود ناهي، سرڪاري اسپتالن ۾ دوائون ۽ ڊاڪٽر گهٽ آهن، جڏهن ته اسڪولن ۾ استاد ۽ عمارتن جون سهولتون به اڻپوريون آهن. اهي مسئلا نوان صوبا ٺاهڻ سان نه، پر سنجيده حڪومتي قدمن سان حل ٿي سگهن ٿا.

سنڌ جي بدين ضلعي جو مثال ئي وٺجي ته ڪيترن ئي علائقن ۾ برساتن ڪانپوءِ رستا تباهه ٿي وڃن ٿا. زرعي زمينن ۾ پاڻي بيهجي وڃي ٿو ۽ آبادگار پنهنجي فصلن جي بچاءَ لاءِ پريشان ٿين ٿا. ڪڏهن پاڻيءَ جي کوٽ سبب فصل متاثر ٿين ٿا ته ڪڏهن زرعي خرچن ۾ واڌ هارين جي ڪمائي گهٽائي ڇڏي ٿي. جيڪڏهن موجوده نظام اندر ئي ضلعي انتظاميا، آبپاشي کاتي، زراعت کاتي ۽ مڪاني ادارن کي اثرائتو بڻايو وڃي ته انهن مسئلن تي گهڻي حد تائين ضابطو آڻي سگهجي ٿو. پر جڏهن ادارا پنهنجون ذميواريون پوريون نٿا ڪن ته عوام کي رڳو سياسي بيانن مان ڪو فائدو نٿو ملي.

اسان وٽ مڪاني حڪومتن جو نظام به هڪ اهم مسئلو آهي. جمهوريت جو اصل فائدو تڏهن عام ماڻهوءَ تائين پهچي ٿو، جڏهن سندس ڳوٺ، پاڙي ۽ شهر جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ چونڊيل نمائندن وٽ حقيقي اختيار ۽ مالي وسيلا موجود هجن. بدقسمتيءَ سان ڪيترن ئي هنڌن تي مڪاني ادارا مڪمل اختيارن ۽ وسيلن کان محروم نظر اچن ٿا. جيڪڏهن يونين ڪائونسلن، ٽائون ڪميٽين، ميونسپل ڪميٽين ۽ ضلعي ادارن کي مالي ۽ انتظامي اختيار ڏنا وڃن ته عوام جا ڪيترائي مسئلا مقامي سطح تي حل ٿي سگهن ٿا. هر ننڍڙي مسئلي لاءِ ماڻهن کي ضلعي يا صوبائي آفيسن جا چڪر نه ڪاٽڻا پوندا.

حڪومت کي گهرجي ته مڪاني ادارن کي مضبوط ڪري، سندن بجيٽ مقرر وقت تي جاري ڪري ۽ ترقياتي ڪمن جي نگرانيءَ لاءِ شفاف نظام جوڙي. هر يونين ڪائونسل ۾ پاڻي، صفائي، گهٽين، نالين، رستن ۽ ٻين بنيادي سهولتن بابت ساليانو منصوبو تيار ٿيڻ گهرجي. ان سان گڏ عوام کي اهو حق به هئڻ گهرجي ته هو پنهنجي علائقي ۾ ٿيندڙ ترقياتي خرچن بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهي. جڏهن عوام کي خبر هوندي ته سندن علائقي لاءِ ڪيترو فنڊ آيو ۽ ڪٿي خرچ ٿيو ته ڪرپشن ۽ بدانتظاميءَ جا امڪان به گهٽجي سگهن ٿا. سنڌ جي حوالي سان هڪ ٻي اهم ڳالهه اها آهي ته سنڌ جا وسيلا سنڌ جي عوام جي خوشحاليءَ لاءِ استعمال ٿيڻ گهرجن. سنڌ قدرتي وسيلن، زراعت، ساموندي پٽي، گئس، ڪوئلي ۽ ٻين معاشي وسيلن سان مالا مال آهي، پر انهن وسيلن جي باوجود عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ خوشحاليءَ جو گهربل اثر نظر نٿو اچي. سوال اهو آهي ته جيڪڏهن وسيلن سان ڀرپور صوبو پنهنجي ماڻهن کي صاف پاڻي، معياري تعليم، بهتر علاج ۽ روزگار فراهم نٿو ڪري سگهي ته ان جو سبب صوبن جو تعداد آهي يا انتظامي ڪمزوريون؟ حقيقت اها آهي ته وسيلن جي منصفاڻي ورڇ، منصوبن جي شفاف نگراني ۽ ادارن جي ڪارڪردگيءَ کي بهتر بڻائڻ ڪانسواءِ ترقي ممڪن ناهي.

سنڌ جي وحدت بابت سياسي قيادت کي سنجيدگيءَ جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي. سنڌ جي عوام لاءِ پنهنجي ڌرتي، ٻولي ۽ ثقافت سان محبت هڪ جذباتي نعرو نه، پر تاريخي ۽ قومي سڃاڻپ جو حصو آهي. تنهنڪري اهڙي ڪنهن به بحث کان پاسو ڪرڻ گهرجي، جيڪو سنڌ جي ماڻهن ۾ بيچيني يا ورهاست جا خدشا پيدا ڪري. سنڌ جي ترقيءَ لاءِ نئين ورهاست بدران موجوده ضلعن ۽ تعلقن ۾ انتظامي ڪارڪردگي بهتر ڪرڻ، پٺتي پيل علائقن کي ترقيءَ جي برابر موقعا ڏيڻ ۽ وسيلن جي منصفاڻي ورڇ کي يقيني بڻائڻ گهرجي.

اهو به ياد رکڻ گهرجي ته پاڪستان رڳو هڪ صوبي جو نالو ناهي، پر مختلف ٻولين، ثقافتن ۽ تاريخي سڃاڻپن جو گڏيل ملڪ آهي. پنجاب، سنڌ، بلوچستان ۽ خيبرپختونخواهه جا پنهنجا پنهنجا مسئلا ۽ ضرورتون آهن. هر صوبي کي پنهنجي وسيلن ۽ اختيارن سان گڏ قومي ترقيءَ ۾ ڀرپور حصو وٺڻ جو موقعو ملڻ گهرجي. وفاق ۽ صوبن وچ ۾ بهتر سهڪار، آئيني ذميوارين جي ادائيگي ۽ وسيلن جي منصفاڻي ورڇ سان ملڪ مضبوط ٿي سگهي ٿو. سياسي اختلافن کي اهڙي نموني حل ڪرڻ گهرجي، جو قومي يڪجهتي متاثر نه ٿئي.

ملڪ ۾ مهانگائي، بيروزگاري ۽ معاشي پريشاني به عوام لاءِ وڏا مسئلا بڻيل آهن. بجليءَ جا بل، پيٽرول جون قيمتون، کاڌي پيتي جون شيون ۽ ٻارن جي تعليم جا خرچ عام ماڻهوءَ جي پهچ کان ٻاهر ٿيندا پيا وڃن. اهڙي صورتحال ۾ عوام کي سياسي بيانن بدران عملي رليف جي ضرورت آهي. حڪومت کي گهرجي ته معاشي پاليسين ۾ عام ماڻهوءَ کي اوليت ڏئي، روزگار جا موقعا پيدا ڪري، ننڍن ڪاروبارن کي سهولتون فراهم ڪري ۽ زراعت کي مضبوط بڻائي. جڏهن هاري خوشحال هوندو، صنعت ترقي ڪندي ۽ نوجوانن کي روزگار ملندو ته ملڪ جي معيشت به مضبوط ٿيندي. سياسي جماعتن جي ذميواري آهي ته هو اقتدار جي اختلافن کان مٿانهون ٿي عوامي مسئلن تي گڏيل حڪمت عملي جوڙين. پارليامينٽ ۾ بحث جو مقصد رڳو هڪ ٻئي تي تنقيد ڪرڻ نه، پر قانون سازي ۽ عوامي ڀلائيءَ لاءِ رستو ڪڍڻ هجڻ گهرجي. جيڪڏهن حڪومت ۽ مخالف ڌر تعليم، صحت، زراعت، پاڻي، روزگار ۽ مهانگائيءَ جهڙن مسئلن تي گڏجي ڪم ڪن ته عوام جو سياست تي اعتماد وڌي سگهي ٿو. ملڪ کي هن وقت سياسي ڇڪتاڻ کان وڌيڪ سياسي سمجهه، برداشت ۽ گڏيل ذميواريءَ جي ضرورت آهي.

بلاول ڀٽو زرداري سميت ملڪ جي سموري ياسي قيادت کي گهرجي ته هو موجوده نظام جي ڪمزورين کي ختم ڪرڻ لاءِ سنجيده ڪردار ادا ڪري. نون صوبن بابت بحث کان اڳ اهو ڏسڻ ضروري آهي ته موجوده صوبن ۾ انتظامي سهولتون ڪيئن بهتر بڻائي سگهجن ٿيون، ادارن کي ڪيئن مضبوط ڪري سگهجي ٿو ۽ عوام تائين اختيار ڪيئن پهچائي سگهجن ٿا. ڪنهن به تبديليءَ جو مقصد عوام جي زندگي آسان بڻائڻ هجڻ گهرجي، نه ڪي رڳو نوان سياسي عهدا ۽ انتظامي خرچ پيدا ڪرڻ.

اصل سوال اهو ناهي ته ملڪ ۾ ڪيترا صوبا هئڻ گهرجن، پر اصل سوال اهو آهي ته موجوده صوبن ۾ رهندڙ ماڻهن کي سندن بنيادي حق ڇو نٿا ملن؟ جيڪڏهن ڪنهن ضلعي جي اسپتال ۾ علاج جي سهولت ناهي، ڪنهن ڳوٺ ۾ پيئڻ جو صاف پاڻي ناهي، ڪنهن اسڪول ۾ استاد ناهي ۽ ڪنهن نوجوان وٽ روزگار ناهي ته نئين صوبي جو نعرو انهن مسئلن جو جواب نٿو بڻجي سگهي. عوام کي نون سياسي نقشن کان وڌيڪ اهڙو نظام گهرجي، جيڪو سندن در تائين سهولتون پهچائي ۽ سندن مسئلن جو وقت سر حل ڪري.

اڄ پاڪستان کي نون انتظامي ورهاستن کان وڌيڪ بهتر حڪمراني، مضبوط ادارن، شفافيت، انصاف ۽ عوامي خدمت جي ضرورت آهي. بلاول ڀٽو جي موقف جو بنيادي نڪتو به ان بحث ۾ اهميت رکي ٿو ته سياسي قيادت کي عوام جي اصل مسئلن تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. سنڌ جي وحدت برقرار رکندي، موجوده نظام ۾ سڌارا آڻي ۽ هر صوبي جي عوام کي برابر ترقيءَ جا موقعا ڏئي ئي هڪ مضبوط، خوشحال ۽ مستحڪم پاڪستان جو بنياد رکي سگهجي ٿو. ملڪ جي ترقيءَ جو رستو نقشن جي تبديليءَ مان نه، پر نظام جي سڌاري ۽ عوام جي خدمت مان گذري ٿو.

ڊاڪٽر منظور ايڇ سومرو پاران بين الاقوامي ۾ شاندار نمائندگي

رپورٽ:جميل سومرو

ناليواري پاڪستاني سائنسدان ۽ پاڪستان سائنس فائونڊيشن جي اڳوڻي چيئرمن ڊاڪٽر منظور ايڇ سومرو چين جي شهر ڪائيفينگ، صوبي هينان ۾ واقع ڪائيفينگ ووڪيشنل ڪاليج ۾ منعقد ٿيل 2026 جي بين الاقوامي ڪانفرنس براءِ ووڪيشنل ايجوڪيشن گوئنگ گلوبل اينڊ هاءِ اسڪلڊ ٽيلنٽ ڊولپمينٽ ۾ شرڪت ڪري پاڪستان جي شاندار نمائندگي ڪئي.

خيرپور ضلعي جي ننڍڙي ڳوٺ سيئارجه سان تعلق رکندڙ ڊاڪٽر منظور سومرو، اڪيڊمي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي آف دي ڊولپنگ ورلڊ جو فيلو ۽ چيني حڪومت جي مشهور ۽ وڏي فرينڊشپ ايوارڊ جو فاتح آهي، جنهن کي چيني سائنس و ٽيڪنالاجي ادارن جو پراڻو سهڪاري ۽ حامي طور وڏي احترام سان ڏٺو وڃي ٿو.

ووڪيشنل ايجوڪيشن گوئنگ گلوبل ود انڊسٽري، ڪاليجز اينڊ انٽرپرائزان پارٽنرشپ: ايڪسپلورنگ نيو پاٿ ويز فار گلوبل هاءِ اسڪلڊ ٽيلنٽ ڊولپمينٽ جي موضوع تي منعقد ٿيل ڪانفرنس جو اهتمام ۽ ميزباني ڪائيفينگ ووڪيشنل ڪاليج، شيائومي نيو جنريشن اسمارٽ هارڊويئر ٽيڪنالاجي انڊسٽري ايجوڪيشن انٽيگريشن ڪميونٽي ڪئي.

پاڪستان ووڪيشنل ايجوڪيشن ـ اي چيلينج فار انڊسٽري ايجوڪيشن انٽيگريشن اينڊ ڊولپمينٽ" جي عنوان هيٺ پنهنجي خطاب ۾ ڊاڪٽر سومرو پاڪستان جي نوجوانن جي حقيقتن تي ٻڌل انگن اکرن، وڌندڙ بي روزگاري، ۽ هنرمندي جي ترقي جي فوري طور تي ضرورت تي روشني وڌي.

هن چيو ته پاڪستان جو سڀ کان وڏو اثاثو ان جي نوجوان آبادي آهي، پر جديد، صنعت سان ڳنڍيل هنر کان سواءِ هي آبادي هڪ چيلينج ۾ تبديل ٿي سگهي ٿي.

هن چيو ته پاڪستان جي سراسري عمر صرف 20.8 سال آهي، جڏهن ته چين جي سراسري عمر 40.8 سال آهي. ان جو مطلب آهي ته پاڪستان وٽ وڌندڙ توانائي سان ڀرپور افرادي قوت آهي، جڏهن ته چين کي بزرگن جي آبادي کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. جيڪڏهن اسان پنهنجي نوجوانن کي صحيح هنر سان ليس ڪريون ته پاڪستان جي نوجوان افرادي قوت چين جي صنعتن لاءِ هڪ قيمتي پائيوار بڻجي سگهي ٿي.

ڊاڪٽر سومرو زور ڏنو ته پاڪستاني نوجوانن ۾ هنر جي کوٽ هڪ وڏو مسئلو آهي جنهن کي چين ۽ پاڪستان کي گڏجي حل ڪرڻو پوندو. هن ووڪيشنل ايجوڪيشن، انڊسٽري ايجوڪيشن انٽيگريشن، گڏيل تربيتي پروگرامن، استادن جي مٽاسٽا، ۽ عملي، ٽيڪنالاجي تي ٻڌل تعليم ۾ مضبوط پائيواري جي تجويز ڏني ته جيئن پاڪستاني نوجوانن کي عالمي موقعن لاءِ تيار ڪري سگهجي.

هن وڌيڪ چيو ته ووڪيشنل ايجوڪيشن ٻئي درجي جي تعليم ناهي. هي صنعتي ترقي، جدت ۽ روزگار جي ريڙهه جي هڏي آهي. اسان کي ڪلاس رومن کي ڪارخانن سان، ڪاليجن کي ادارن سان، ۽ هنر کي نوڪرين سان ڳنڍڻو پوندو.

شرڪت ڪندڙن ڊاڪٽر سومرو جي دور انديشانه پيشڪش کي بيحد ساراهيو، جنهن ۾ انگ اکر، تجربو ۽ پاڪستان ـ چين هنرمندي جي ترقي ۾ سهڪار لاءِ عملي روڊ ميپ شامل هو.

پنهنجي پوري ڪيريئر دوران، ڊاڪٽر سومرو سائنس جي تعليم، نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ، سائنس جي مقبوليت، ۽ پاڪستان ـ چين سائنسي دوستي کي فروغ ڏيڻ ۾ اڳڀرو ڪردار ادا ڪيو آهي. پي ايس ايف جي اڳوڻي چيئرمين جي حيثيت سان هن پاڪستان ۾ سائنس جي ترقيءَ کي تبديل ڪيو، پاڪستاني ۽ چيني تعليمي ادارن وچ ۾ ديرينه پل تعمير ڪيا.

اهڙي معتبر بين الاقوامي فورم تي سندس ڪليدي مقرر طور سندس دعوت پاڪستان لاءِ فخرجي ڳالهه آهي ۽ سائنس، تعليم ۽ بين الاقوامي سهڪار لاءِ سندس تاحيات خدمتن جو اعتراف آهي.

صبح جي سيشنز کان پوءِ ڪيس وفد سان گڏ ڪاليج ڪيمپس جي دوري تي وٺي ويا ته جيئن هو شيائومي انڊسٽريز جي جديد هاءِ ٽيڪنالاجي اسمارٽ هوم بيس جو جائزو وٺي سگهي، جيڪو شاگردن جي تدريس ۽ عملي تربيت لاءِ قائم ڪيو ويو آهي، هڪ اهڙو ماڊل جنهن کي ڊاڪٽر سومرو پاڪستان لاءِ انڊسٽري ايجوڪيشن انٽيگريشن جي هڪ متاثر ڪندڙ مثال قرار ڏنو.

هن موقعي تي ڊاڪٽر سومرو پنهنجي استاد ۽ رهنما، ڊاٿو لي يي چيونگ ۽ اعزازي باني صدر، ۽ فيلو ڊاڪٽري او جا ٿورا پڻ مڃيا.

بقايا 01 ***

جڙي چڪو آهي. هن چيو ته انهي سسٽم جي تحت ڏنل حدف ۽ ٽائم لائنز ۾ ڪنهن به قسم جي ڪا به دير برداشت نه ڪئي ويندي. وزيراعظم پي ايم او ايس کي وڌيڪ بهتر ۽ ڪارگر بڻائڻ ۽ انهي حوالي سان لاڳاپيل ادارن جي وچ ۾ هم آهنگي ۽ رابطا وڌائڻ جي هدايت به ڪئي. وزيراعظم چيو ته ملڪي معيشت جي مضبوطي ۽ زرعي شعبي جي پائيدار ترقي ۾ جديد تحقيق کي بنيادي اهميت حاصل آهي. هن جوچوڻ هو ته اسان جي حڪومت زراعت جي شعبي ۾ تحقيقي سرگرمين کي هٿي ڏيڻ جي لاءِ هر ممڪن سرپرستي ۽ ڀرپور مالي مدد فراهم ڪندي ته جيئن جديد طريقن سان في ايڪڙ پيداوار ۾ اضافو ڪري سگهجي. انهي سان گڏوگڏ پوکائي جي لاڳت ۾ گهٽتائي ۽ في ايڪڙ پيداوار ۾ خاطر خواهه اضافي لاءِ جديد زرعي مشينري جو استعمال ضروري آهي. جنهن جي آبادگارن تائين آسان فراهمي کي يقيني بڻائڻ اسان جي اولين ترجيح آهي. اجلاس کي پي ايم او ايس جي تحت قومي غذائي تحفظ واري وزارت جي ڪارڪردگي تي بريفنگ ڏني وئي ملڪ ۾ زرعي جنسن جي اسٽوريج جي صلاحيت بهتر بڻائڻ جي حوالي سان قدم کنيا پيا وڃن. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته سموري ملڪ مان هارين جي رجسٽريشن جي لاءِ (ميرا ڪسان) ڊيجيٽل ايپليڪيشن جي شروعات به ڪئي وئي آهي. حڪومتي سطح تي زرعي شعبي ۾ اداره جاتي اصلاحات به ڪئي پئي وڃي. انهي حوالي سان نيشنل ايگريڪلچر اينڊ فوڊ سيڪيورٽي ايڊوائزري ڪونسل جوڙي وئي جنهن جي سيڪريٽريٽ ڪم شروع به ڪري ڇڏيو آهي. اجلاس کي پاڪستان ايگريڪلچر ريسرچ ڪونسل جي نئين سري سان جوڙجڪ تي بريفنگ ڏني وئي. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته هارين کي موسمياتي تبديلين ۽ قدرتي آفتن جي نقصان کان بچڻ جي لاءِ فصلن جي انشورنس جي ڪوريج ضروري آهي. زرعي انشورنس کي بهتر بڻائڻ تي ڪم جاري آهي. اجلاس ۾ وفاقي وزير قومي غذائي تحفظ، تحقيق رانا تنوير حسين، وفاقي وزير منصوبه بندي احسن اقبال، وفاقي وزير اقتصادي معاملا احد خان چيمه، وفاقي وزير واپار جام ڪمال خان، وفاقي وزير انفارميشن ٽيڪنالاجي، ٽيليڪام شزا فاطمه، مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني ۽ لاڳاپيل اعليٰ سرڪاري آفيسرن شرڪت ڪئي.

بقايا 02 ***

تي خيالن جي ڏي وٺ ڪندي سمورن معاملن جو حل گڏيل صلاح مشوري سان ڪڍڻ تي اتفاق ڪيو آهي. ايوان صدر مان جاري ڪيل بيان موجب، وزيراعظم شهباز شريف ۽ صدر آصف علي زرداري وچ ۾ ملاقات ٿي، جنهن دوران ملڪ جي هاڻوڪي صورتحال تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. بيان موجب ملاقات ۾ وچ اوڀر جي صورتحال تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، جڏهن ته ملڪ جي موجوده سياسي صورتحال جو تفصيلي جائزو پڻ ورتو ويو. ملاقات دوران ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو ويو ته سمورن معاملن جوحل ڳالهين ذريعي ڪيو ويندو ايوان صدر موجب، اڳوڻين آئيني ترميمن سمورين اتحاديَ پارٽين جي گڏيل صلاح مشوري سان ڪيون ويون هيون. ملاقات ۾ اتفاق ڪيو ويو ته سمورن معاملن تي گڏجي ويهنداسين ۽ صلاح مشوري سان انهن جوحل ڳولينداسين. ملاقات ۾ وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا 03 ***

سنڌ اسيمبلي ۽ خيبرپختونخوا اسيمبليءَ ۾ تحريڪ انصاف جون سيٽون واپس ڪرڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي. ميڊيا سان ڳالهائيندي بيرسٽر گوهر چيو ته هو سيني کي چون ٿا ته اچو ته عدليا ۽ چونڊن واري ڪميشن کي آزاد بڻايون ۽ ووٽ جي تقدس کي هميشه لاءِ پائمال ٿيڻ کان بچايون. جيڪڏهن نظام بهتر هوندو ته عوام خوشحال ٿيندو معيشت مضبوط ٿيندي ۽ سياسي استحڪام ايندو پر جيڪڏهن ذاتي مفادن کي ترجيح ڏني وئي ته نه ملڪ ۾ سياسي استحڪام ايندو ۽ نه ئي عوام خوشحال ٿيندو. بيرسٽر گوهر چيو ته عمران خان خلاف داخل ڪيل ڪيس بي بنياد ۽ سياسي بنيادن تي قائم ڪيا ويا آهن، جڏهن ته سندن سياسي مخالف به تسليم ڪري رهيا آهن ته عمران خان سياسي قيدي آهي. هنن ڪيسن ۾ رات جي اونداهيءَ ۾ بند دروازن پٺيان سزائون ٻڌايون ويون. عدالت کي درخواست آهي ته ڏينهن جي روشنيءَ ۾ کليل عدالت ۾ سندن موقف ٻڌو وڃي. نون صوبن جي قيام بابت پي ٽي آءِ چيئرمين چيو ته اهو معاملو اڃا وقت کان اڳ آهي، ڇو ته ان جا تفصيل سامهون نه آيا آهن ته ڪيترا صوبا ٺهندا، ڪهڙي حالت ۾ ۽ ڪهڙن علائقن ۾ ٺهندا. اهو هڪ سنجيده مسئلو آهي، جنهن ۾ سياست بدران عوام جي جذبن ۽ احساسن کي نظر ۾ رکڻ گهرجي. هن چيو ته جڏهن ان حوالي سان ڪو مسودو سامهون ايندو ته صلاح مشوري ڪانپوءِ پنهنجي راءِ ڏينداسين ۽ پارٽيءَ جو باني عمران خان سان ملاقات ڪانپوءِ پنهنجو آئنده جو لائحه عمل جوڙينداسين. بيرسٽر گوهر عمران خان ۽ بشريٰ بي بي جي صحت بابت ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو ته عمران خان طرفان چيف جسٽس کي خط لکڻ کي 72 ڪلاڪن کان وڌيڪ وقت گذري چڪو آهي، تنهنڪري وڌيڪ دير نه ڪئي وڃي. هن مطالبو ڪيو ته عمران خان جي خط کي درخواست طور ٻڌڻي ۾ هيٺ آڻي ڪيس رليف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 04 ***

اعلان ڪانپوءِ پارٽي اندر اختلاف به سامهون اچي ويا وفاقي وزير مصطفيٰ ڪمال واضح ڪيو آهي ته ريلي جي تاريخ جي اعلان جي معاملي تي هن سان ڪا مشاورت نه ڪئي وئي، جڏهن ته ٽڪراءُ کان بچڻ لاءِ هو ڪنهن ٻئي ڏينهن ريلي ڪڍڻ جو حامي آهي.خاص ڳالهه ٻولهه ڪندي مصطفيٰ ڪمال چيو ته 29 نومبر تي ريلي ڪڍڻ جي تاريخ خالد مقبول صديقي ڏني آهي ۽ ان حوالي سان هن سان ڪو مشورو نه ڪيو ويو.هن چيو ته اسان ٽڪراءُ نٿا چاهيون، ان ڪري ڪنهن ٻئي ڏينهن ريلي ڪينداسين.وفاقي وزير چيو ته ملڪ جو انتظام وڏن صوبن ذريعي اثرائتي انداز ۾ هلائڻ ۾ مشڪلاتون محسوس ڪيون پيون وڃن، ان ڪري انتظامي ڍانچي ۾ تبديلي جي ضرورت آهي.هن ان حوالي سان مثال ڏيندي چيو ته ڊاڪٽرن کي ڪڏهن ڪڏهن مريض کان بچڻ ڪانسواءِ به سرجري ڪرڻي پوندي آهي.واضح رهي ته ايم ڪيو ايم پاڪستان جي سربراهه ۽ وفاقي وزير تعليم خالد مقبول صديقي 2 نومبر تي اعلان ڪيو هو ته 29 نومبر تي شاهراهه فيصل تي نئين انتظامي يونٽن ۽ نئين صوبن جي قيام جي مطالبي جي حق ۾ وڏي ريلي ڪڍي ويندي،ٻئي پاسي سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي به 29 نومبر تي ڪراچي ۾ "سنڌ منهنجي امان" جي عنوان سان مارچ ڪرڻ جو اعلان ڪري رکيو آهي سنڌ ترقي پسند پارٽي نئين صوبن ۽ سنڌ جي ورهاڱي جي مخالفت ڪري ٿي،اهڙي طرح هڪ ئي ڏينهن ڪراچي ۾ ٻن مختلف سياسي موقف تحت اجتماع ٿيڻ جو امڪان آهي، جنهن سبب سياسي حلقن ۾ ممڪن ڇڪتاڻ ۽ ٽڪراءُ جي خدشن تي به ڳالهه ٻولهه شروع ٿي وئي آهي مصطفيٰ ڪمال جي بيان ايم ڪيو ايم اندر ريلي جي تاريخ ۽ حڪمت عملي حوالي سان اختلافن کي نمايان ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 05 ***

يو اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ڏڪار جي صورتحال کي منهن ڏيڻ، متاثر علائقن جي ضرورتن جو تعين ڪرڻ ۽ لاڳاپيل سرڪاري ادارن توڙي انساني همدردي جي تنظيمن وچ ۾ رابطاڪاري کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ جي قدمن جو جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ مڪاني ادارن واري پارلياماني سيڪريٽري محمد قاسم سومرو بحالي کاتي جي سيڪريٽري رفيق مصطفيٰ شيخ، ريسڪيو 1122 جي چيف آپريٽنگ آفيسر ڊاڪٽر عابد جلال شيخ ۽ عالمي ادارو خوراڪ (WFP)، عالمي ادارو صحت (WHO)، يونيسيف (UNICEF)، انٽرنيشنل آرگنائيزيشن فار مائيگريشن (IOM)، نيشنل هيومنيٽيرين نيٽ ورڪ (NHN) ۽ گڏيل قومن جي انساني معاملن واري رابطا دفتر (OCHA) پاڪستان جي نمائندن شرڪت ڪئي. اجلاس کي گڏيل قومن جي ادارن پاران ڏڪار متاثر علائقن جي جامع جائزي لاءِ تيار ڪيل منصوبي، طريقيڪار، جائزي جي اوزارن ۽ فيلڊ پلان بابت بريفنگ ڏني وئي. اجلاس جي صدارت ڪندي گيانچند ايسراڻي لاڳاپيل گڏيل قومن جي ادارن کي هدايت ڪئي ته ڏڪار متاثر علائقن جو جائزو جلد کان جلد مڪمل ڪيو وڃي. هن زور ڏنو ته متاثر آبادي جي ضرورتن جو وقت سر ۽ مستند تعين اثرائتن امدادي قدمن ۽ حڪومتي فيصلن لاءِ نهايت اهم آهي.

بقايا 06 ***

ٺ ۾ 15 خوارج مارجي ويا. آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته ضلعي بنون ۾ ٻن الڳ جهڙپن دوران 6 دهشتگرد مارجي ويا، ٽانڪ ۾ هڪ ٻيو دهشتگرد مارجي ويو مارجي ويل دهشتگردن وٽان هٿيار ۽ گولا بارود پڻ هٿ ڪيو ويو ترجمان موجب مارجي ويل دهشتگرد علائقي ۾ ڪيترن ئي دهشتگرد ڪاروائين ۾ ملوث هئا، جڏهن ته ٻين دهشتگردن جي خاتمي لاءِ ڪليئرنس ۽ سرچ آپريشن جاري آهن. آءِ ايس پي آر جوچوڻ آهي ته ملڪ مان ٻاهرين سرپرستيءَ ۾ ٿيندڙ دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين ڪاروايون جاري رهنديون.

بقايا 07 ***

به صورت قبول نه ڪيو ويندو صوبو ڪروڙين سنڌين جي ماءُ ۽ تاريخي ۽ تهذيبي سڃاڻپ جو امين آهي، ان کي ورهائڻ جو خواب ڪڏهن به پورو نه ٿيندوصوبائي وزير بلديات ناصر حسين شاهه چيو ته چيئرمين پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري جي ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس قومي يڪجهتي، ملڪي بهتري ۽ عوامي امنگن جي ترجماني هئي قومي اهميت جا فيصلا آئين، جمهوري اصولن ۽ عوامي خواهشن کي نظر ۾ رکي ڪيا وڃڻ گهرجن هن چيو ته قومي معاملن ۾ پارليامينٽ کي نظرانداز ڪرڻ جا منفي اثر پئجي سگهن ٿاهن چيو ته بلاول ڀٽو زرداري قومي مسئلن جي نشاندهي سان گڏ انهن جي حل لاءِ قابل عمل تجويزون به پيش ڪيون آهن سياسي مڪالمو، مفاهمت ۽ سيني سياسي قوتن کي اعتماد ۾ وٺي فيصلا ڪرڻ جمهوري نظام جي استحڪام ۽ قومي يڪجهتي لاءِ ضروري آهي.

بقايا 08 ***

ينا فراڊ خلاف درخواست جي ٻڌڻي تي درخواستگذار انوشا ايڊووڪيٽ موقف اختيار ڪيو ته هن هڪ خانگي ٽريڊنگ ڪمپني ذريعي چارلک رپين جا آمريڪي ڊالر خريدڻ لاءِ مختلف بئنڪ اڪائونٽن ۾ رقم منتقل ڪئي، پر جوابدارن رقم وصول ڪرڻ باوجود ڊالر منتقل نه ڪيا ۽ نه ئي ڪو جواب ڏنو رقم جي واپسي جو مطالبو ڪرڻ تي سيٽلمينٽ جي نالي تي وڌيڪ به لک رپيا طلب ڪيا ويادرخواستگذار مطابق هن اپريل 2026ع ۾ ٽريڊنگ کان فوري بعد نيشنل سائبر ڪرائم انويسٽيگيشن ايجنسي (اين سي سي آءِ اي) کي شڪايت درج ڪرائي، پر ڪيترن ئي مهينن تائين ڪا ڪارروائي نه ٿي عدالت ۾ پيشي کان اڳ گذريل رات اين سي سي آءِ اي عملدارن ڪيس طلب ڪيو ۽ ڪيس داخل ڪري ورتوٻڌڻي دوران اين سي سي آءِ اي جو جاچ عملدار عدالت ۾ پيش ٿيو ۽ ٻڌايو ته درخواستگذار انوشا جي فرياد تي ايف آءِ آر داخل ڪري ورتي وئي آهي، جڏهن ته جاچ دوران ڇهن جوابدارن جي نشاندهي به ٿي آهي جاچ عملدار مطابق جوابدارن جو تعلق مختلف ضلعن سان آهي ۽ انهن جي گرفتاري لاءِ وڌيڪ وقت گهربل آهيعدالت جوابدارن جي گرفتاري لاءِ مهلت ڏيندي ٻڌڻي 17 ڊسمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 09 ***

ڪيل نوٽيسن خلاف داخل درخواست تي حڪم امتناع ۾ مئي 2027ع تائين واڌ ڪري ڇڏي ۽ شاگردن کي پنهنجي ميڊيڪل تعليم جاري رکڻ جي هدايت ڪري ڇڏيعدالت ۾ 30 کان وڌيڪ افغان شاگردن جي درخواست جي ٻڌڻي ٿي، جنهن ۾ سندن وڪيل جبران ناصر ايڊووڪيٽ موقف اختيار ڪيو ته درخواستگذارن علامه اقبال اسڪالرشپ براءِ افغان شهري تحت ايم بي بي ايس ۾ داخلا ورتي هئي ۽ هو هن وقت آخري سال جا شاگرد آهن سندن وٽ پاڪستاني اسٽڊي ويزا به موجود آهندرخواستگذارن مطابق پاڪستان ميڊيڪل اينڊ ڊينٽل ڪائونسل (پي ايم ڊي سي) افغان شاگردن جي واپسي جي قدمن ۽ اين او سي جاري ڪرڻ بابت هدايتون ڏنيون هيون، جن جي روشني ۾ ڊائو يونيورسٽي شاگردن کي 14 سيپٽمبر تائين اين او سي حاصل ڪرڻ ۽ هاسٽل خالي ڪرڻ جو نوٽيس جاري ڪيودرخواست ۾ وڌيڪ چيو ويو ته يونيورسٽي افغان شاگردن جي فهرست لاڳاپيل پوليس کي فراهم ڪري ڇڏي آهي، جنهن سبب ڪين هراسان ڪرڻ جو خدشو آهي پي ايم ڊي سي شاگردن کي ڪو شوڪاز نوٽيس به جاري نه ڪيو جڏهن ته رڳو قوميت جي بنياد تي زير تعليم پرڏيهي شاگردن کي تعليم کان محروم نه ٿو ڪري سگهجيوڪيل جو موقف هو ته پي ايم ڊي سي، هائر ايجوڪيشن ڪميشن ۽ ڊائو يونيورسٽي تعليمي ۽ انتظامي ادارا آهن ۽ کين پرڏيهي شهرين جا ويزا منسوخ ڪرڻ جو اختيار حاصل ناهي شاگردن کي افغانستان واپس موڪلڻ سان سندن ميڊيڪل تعليم مڪمل ڪرڻ جو موقعو ختم ٿي ويندوعدالت درخواست تي حڪم امتناع ۾ مئي 2027ع تائين واڌ ڪندي ريمارڪس ڏنا ته ٻارن کي پڙهڻ ڏنو وڃي ۽ افغان شاگردن کي تعليم جاري رکڻ جي هدايت ڪئي عدالت درخواستگذارن کي لاهور هاءِ ڪورٽ ۽ ٻين عدالتن جا لاڳاپيل حڪم به درخواست سان گڏ شامل ڪرڻ جو حڪم ڏنوواضح رهي ته افغان شاگردن جبران ناصر ايڊووڪيٽ ۽ افتخار شاهه ايڊووڪيٽ جي معرفت درخواست داخل ڪئي هئي.

بقايا 10 ***

درخواست تي ڊائريڪٽر جنرل پاسپورٽ اينڊ اميگريشن کي ايندڙ ٻڌڻي تي ذاتي حيثيت ۾ پيش ٿيڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيوسنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ڊي جي پاسپورٽ اينڊ اميگريشن خلاف داخل توهين عدالت واري درخواست جي ٻڌڻي ٿي، جنهن ۾ درخواستگذار جي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته عدالت آڪٽوبر 2024ع ۾ پاسپورٽ جي اجرا بابت درخواست تي قانون مطابق ڪارروائي ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو [illegible] نومبر 2024ع ۾ [illegible] پاڪستاني [illegible] سعودي عرب جي شهريت [illegible] 10 بار [illegible] پاسپورٽ موجود آهي، پر هن جي ٻارن کي پاسپورٽ جاري نه ڪيا پيا وڃن [illegible] ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 11 ***

نڌ جي وحدت ۽ بقا لاءِ آخري دم تائين جدوجهد جاري رکي ويندي، سنڌ جي وحدت تي ڪو به وار برداشت نه ڪيو ويندو ڪراچي بار جي صدر عامر نواز وڙائچ سکر هاءِ ڪورٽ بار [illegible] 900 کان وڌيڪ [illegible] سنڌ جي وحدت خلاف [illegible]

بقايا 12 ***

بيان کي غلط تناظر ۾ پيش ڪري رهيا آهن هن وفاقي حڪومت کي [illegible] امتياز شيخ [illegible] صدر آصف علي زرداري ۽ بلاول ڀٽو [illegible] عمران خان [illegible] بلاول ڀٽو [illegible] وفاقي حڪومت [illegible] سنڌ جي وحدت [illegible]

بقايا 13 ***

نڌ ٻڌڻي تائين تعميراتي ڪم فوري روڪڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيوٻڌڻي دوران درخواستگذار جي وڪيل موقف اختيار ڪيو [illegible] سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي [illegible] سيپا [illegible] عدالت [illegible] ايندڙ ٻڌڻي تائين تعميرات بند رکڻ جي هدايت ڪندي

عدالتي حڪمن جون نقلون چيف سيڪريٽري سنڌ، ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن (ڪي ايم سي) ۽ سيپا ڏانهن موڪلڻ جو حڪم ڏنو.

بقايا 14 ***

ي سيڪيورٽي شفٽ انچارج کي ساٿين سميت تشدد جو نشانو بڻائي ڇڏيو، واقعي جي وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي وئيتفصيل مطابق جناح اسپتال جي شعبي ايمرجنسي ٻاهران سرڪاري ۽ خانگي ڪمپني جي سيڪيورٽي گارڊن وچ ۾ تلخ ڪلامي ٿي، جنهن دوران خانگي ڪمپني جي گارڊ سرڪاري سيڪيورٽي اهلڪار کي گاريون ڏيڻ شروع ڪري ڇڏيون [illegible] جناح اسپتال [illegible]

بقايا 15 ***

پاران حيدرآباد پريس ڪلب اڳيان لاش رکي احتجاج ڪيو ويو [illegible] حيدرآباد [illegible] پريس ڪلب [illegible]

بقايا 16 ***

برڪت علي آزاد ڪشمير جي ضلعي راولاڪوٽ ۾ فائرنگ جي واقعي ۾ شهيد ٿيو [illegible] نماز جنازي [illegible]

بقايا 17 ***

ذريعن موجب ڪراچي جي جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ جي پارڪنگ [illegible] ايئرپورٽ [illegible] پارڪنگ [illegible]

بقايا 18 ***

حد ختم ڪرڻ جي به منظوري ڏني وئي آهي. سنڌ ڪابينا [illegible] 16 ارب 90 ڪروڙ [illegible] 399 [illegible] 200 بسترن [illegible] 769 ڪمپيوٽرن [illegible] 73 ڪروڙ 666 لک [illegible]

ٽيڪنالاجي سميت جديد شعبن ۾ اسڪالرشپس وڌائڻ جي به منظوري ڏني آهي، جڏهن ته پاڻي، صفائي ۽ صحت جي صفائي لاءِ 54 ڪروڙ ڊالرن جي پروگرام جي منظوري ڏني وئي آهي. هن چيو ته سنڌ ڪابينا ڪراچي سيف سٽيز منصوبي جي ٻئي مرحلي لاءِ 5 ارب 76 ڪروڙ 60 لک رپيا جاري ڪرڻ جي منظوري ڏني آهي. منصوبي جو هي مرحلو 18 مهينن اندر مڪمل ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي. [illegible] سنڌ ڪابينا ڪراچي لاءِ 500 اليڪٽرڪ بسون خريد ڪرڻ جي به منظوري ڏني آهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته هڪ قومپرست جماعت 29 نومبر تي ريلي ڪڍڻ جو سڏ ڏنو آهي [illegible]

بقايا 19 ***

ٿي ذريعن ٻڌايو ته وزيراعظم شهباز شريف جمعي تي [illegible] پيپلز پارٽي [illegible] آصف علي زرداري [illegible]

بقايا 20 ***

ت هيٺ وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيل 21 نڪاتي اجلاس ۾ [illegible]

زور ڏنو ته منظور ڪيل منصوبن سان عوام کي واضح رليف ملڻ گهرجي. هن چيو ته اسان جي ترجيح پيئڻ جو صاف پاڻي فراهم ڪرڻ ۽ پاڻيءَ جي فراهمي ۽ نيڪال جي منصوبن کي جلد کان جلد مڪمل ڪرڻ آهي ته جيئن ماڻهن کي رليف ملي سگهي [illegible] ڪراچيءَ جي پبلڪ ٽرانسپورٽ کي تبديل ڪرڻ لاءِ 500 اليڪٽرڪ بسون [illegible] (SMTA) [illegible] 37.97 ارب رپين [illegible] 12 ميٽر [illegible] 300 بسون [illegible] 125 [illegible] 499 [illegible] 6.06 ارب رپيا [illegible] 234 ملين [illegible] (SMTA) [illegible] (HIT) [illegible] 10 [illegible] 50 [illegible] 9.406 [illegible] (NRTC) [illegible] 8.871 [illegible] 5.766 [illegible] 18 مهينن [illegible] 637.02 ملين [illegible] 1.5 ارب [illegible] 116.04 [illegible]

بقايا 21 ***

ڪيو ويو آهي، نوٽيفڪيشن موجب گهجي رڪارڊنگ [illegible]

بقايا 22 ***

جي ٻڌڻي بنا ڪنهن ڪارروائي جي ملتوي ڪري ڇڏي [illegible] 3 ڊسمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 23 ***

هٿيارن ڪان پاڪ ڪرڻ تي زور ڏنو آهي. آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ [illegible] چيني صدر شي جن پنگ [illegible]

بقايا 24 ***

۾ قرار ڏيندي جوابدار کي بري ڪري ڇڏيو جسٽس وحيد خان جوابدار محمد رياض [illegible]

بري ڪيو لاهور هاءِ ڪورٽ چيو ته ڪيس جا اٺ شاهد واقعي بابت درست حقيقتون بيان نه ڪري سگهيا. [illegible]

بقايا 25 ***

سيڪيورٽي واپس ورتي وئي آهي. ذريعن موجب گذريل رات وزيراعظم شهباز شريف جي هدايت تي ڊيره اسماعيل خان ۾ مولانا فضل الرحمان جي رهائشگاهه تي مقرر ايف سي کي واپس گهرايو ويو، جڏهن ته مولانا فضل الرحمان سان گڏ مقرر پوليس جي سموري سيڪيورٽي به ختم ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو [illegible]

بقايا 26 ***

عملي ۽ باهمي سهڪار تي ٻڌل سلامتي پاليسي اپنائڻ [illegible] 48 [illegible] 37 [illegible] 183 [illegible]

بقايا 27 ***

سي اي) جي رپورٽ تي سخت ڪاوڙ جو اظهار [illegible] 10 [illegible]

بقايا 28 ***

جي حدن ۾ تبديلي لاءِ لاڳاپيل صوبائي اسيمبلي جي ٻه ٽهائي اڪثريت سان منظوري لازمي آهي [illegible] 1973 [illegible]

بقايا 29 ***

ڻ هو ته سنڌ جا عوام ۽ سڀئي سياسي جماعتون صوبي جي ورهاڱي جي سخت مخالفت ڪن ٿيون [illegible]

بقايا 30 ***

ح موقف آهي ته آبادي ۾ واڌ سان گڏ نوان صوبا نه ٺاهيا وڃن [illegible]

بقايا 31 ***

وائي ڪندي 30 لک رپين انعام يافته ڏاڪيل ايس ڪورڪرائي سميت ٻن گهربل جوابدارن کي گرفتار ڪري [illegible]

ڪوڪرائي به قتل، قتل جي ڪوشش ۽ پوليس مقابلن جي ڪيسن ۾ گهربل هوئنهي جوابدارن جي گرفتاري کي لاڙڪاڻي، شڪارپور ۽ ويجهن علائقن ۾ ڏوهارين خلاف ڪاروائين حوالي سان اهم اڳڀرائي قرار ڏنو پيو وڃي.

بقايا 32 ***

ي ٻڌڻي تي عدالت اپيل ڪندڙ جي وڪيل جي غير حاضري سبب ٻڌڻي غير معينه مدت تائين ملتوي ڪري ڇڏي اپيل مقتول نقيب الله جي پيءُ عالم شير پاران داخل ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته دهشتگردي توڙ عدالت اهم شاهدين کي نظرانداز ڪندي راءُ انوار سميت ٻين جوابدارن کي بري ڪيو [illegible] 2023 [illegible] 18 جوابدارن [illegible]

بقايا 33 ***

غير قانوني تعميرات خلاف درخواست جي ٻڌڻي ٿي [illegible] سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي (ايس بي سي اي) [illegible] 10 [illegible]

بقايا 34 ***

ي 23 ڊسمبر 2026ع تائين برقرار رهنديپاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي پاران جاري نوٽم مطابق پارٽ جي [illegible] 23 اپريل 2025ع [illegible]

بقايا 35 ***

3 تي حڪمراني ڪري رهي آهي، پر ڪراچي سميت پورو صوبو تباهي جو منظر پيش ڪري رهيو آهي پيپلز پارٽي [illegible] 18 [illegible] 1970 [illegible] 47 [illegible] 18 [illegible]

بقايا عوامي سوچ 01

منسٽر رياض علي شاه شيرازي ايم اين اي اياز شاه شيرازي نصير شاه شيرازي غلام عباس شاه شيرازي غلام حسين شاه شيرازي ۽ ٻين جي مان ۾ وڏو آجياڻون ڏنو جنهن سوين ماڻهن شرڪت ڪئي ان موقعي تي مدد علي شاه وڏيرو محمد پارڙ ظفر حميد ميمڻ ڊاڪٽر محمد علي ميمڻ چيئرمين رئيس اربو خان رند ماما گل حسن رند نياز شاه حسين گرماٽي پريس ڪلب سجاول جو جنرل سيڪريٽري امتياز ميمڻ سميت مختلف قومو چانڊيا جماري ناهيا لغاري سيد آمڙا گرماٽي شيخ ۽ ٻين قومن شرڪت ڪئي شيرازي پائرن کي سنڌ جي ثقافت پٽڪا لونگيون ۽ اجرڪون اوڍايون ويو

بقايا عوامي سوچ 02

۽ عوامي مسئلن جي حل سميت مختلف رونيو معاملن جو تفصيلي جائزو _ ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي پاڳٽ جي صدارت هيٺ تعلقي ٺٽي جي رونيو آفيسرن ۽ عملي جو هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو، جنهن ۾ مختلف رونيو معاملن، ري رائيٽنگ رڪارڊ آف رائيٽس جي جاري ڪم، حدخلين جي خاتمي، ڳوٺ آباد اسڪيمن، التوا هيٺ عدالتي ڪيسن، پوليو مهم ۾ رونيو عملي جي ڪردار ۽ عوامي مسئلن جي حل سميت ٻين اهم معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. اجلاس دوران ڊپٽي ڪمشنر لاڳاپيل آفيسرن کان رونيو رڪارڊ جي درستگي ۽ ري رائيٽنگ رڪارڊ آف رائيٽس جي جاري عمل ۾ ٿيل اڳڀرائي بابت تفصيلي بريفنگ ورتي. ڊپٽي ڪمشنر هدايت ڪئي ته رڪارڊ آف رائيٽس جي ري رائيٽنگ جو ڪم مقرر طريقيڪار موجب تيزيءَ ۽ شفافيت سان مڪمل ڪيو وڃي، رونيو رڪارڊ کي درست ۽ اپڊيٽ رکيو وڃي. جڏهن ته ان سلسلي ۾ پيش ايندڙ مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪيو وڃي. هن حدخلين جي معاملن جو جائزو وٺندي لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته سرڪاري زمينن ۽ ٻين سرڪاري ملڪيتن جي تحفظ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن ۽ حدخلين بابت رڪارڊ مرتب ڪري قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. ڊپٽي ڪمشنر ڳوٺ آباد اسڪيمن تحت جاري ۽ التوا هيٺ معاملن تي پڻ اڳڀرائي جو جائزو ورتو ۽ هدايت ڪئي ته انهن اسڪيمن بابت عوامي مسئلن ۽ درخواستن کي قاعدن ۽ ضابطن موجب اڪلائڻ کي يقيني بڻايو وڃي. اجلاس ۾ مختلف عدالتن ۾ التوا هيٺ رونيو ڪيسن جو پڻ جائزو ورتو ويو ڊپٽي ڪمشنر لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته سمورن عدالتي ڪيسن جا مڪمل تفصيل ۽ رڪارڊ مرتب رکيو وڃي، مقرر تاريخن تي لاڳاپيل عدالتن ۾ بروقت پيروي ڪئي وڃي ۽ ضروري دستاويز فراهم ڪيا وڃن ته جيئن ڪيسن کي اثرائتي انداز ۾ اڳتي وڌائي سگهجي. ڊپٽي ڪمشنر پوليو مهم جي حوالي سان پڻ رونيو آفيسرن ۽ عملي جي ذميوارين تي زور ڏيندي چيو ته پوليو جي خاتمي لاءِ ضلعي انتظاميا جا سمورا لاڳاپيل کاتا پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن. هن هدايت ڪئي ته پوليو ٽيمن سان مڪمل سهڪار ڪيو وڃي ۽ مهم دوران مقرر ڪيل هدف حاصل ڪرڻ، ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ ۽ رهجي ويل ٻارن تائين پهچڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن. هن وڌيڪ چيو ته رونيو آفيسر عوامي خدمت کي پنهنجي پهرين ترجيح بڻائين، شهرين جا مسئلا ڌيان سان ٻڌن، سندن درخواستن کي قاعدن موجب بروقت اڪلائين ۽ سرڪاري معاملن ۾ شفافيت ۽ ميرٽ کي يقيني بڻائين. عوام کي رونيو بابت سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ غيرضروري دير کان پاسو ڪيو وڃي ۽ سمورا آفيسر پنهنجا فرض ذميواري ۽ پابنديءَ سان سرانجام ڏين. ڊپٽي ڪمشنر سرمد علي پاڳٽ رونيو آفيسرن ۽ عملي کي سختيءَ سان هدايت ڪئي ته هو دفتري وقت دوران پنهنجي حاضري يقيني بڻائين، آفيسن ۾ موجود رهن ۽ پنهنجا فرض مڪمل ذميواري ۽ پابنديءَ سان ادا ڪن. هن واضح ڪيو ته عوامي مسئلن جي حل ۾ دير، فرضن ۾ غفلت يا ڊيوٽيءَ تان غير حاضر رهندڙ آفيسرن ۽ عملي خلاف سخت کاتي وار ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا عوامي سوچ 03

سي بي ڪرڪيٽ گرائونڊ دادو ۾ منعقد ڪيا ويا، جن ۾ استاد بخاري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادو ميزبان ڪاليج طور شرڪت ڪئي، جڏهن ته ضلعي جي ٻين ڪاليجن جي شاگردن پڻ وڏي جوش ۽ جذبي سان حصو ورتو. ٽرائلز دوران شاگرد رانديگرن پنهنجي ڪرڪيٽ جي صلاحيتن، راند جي مهارتن، جسماني فٽنيس ۽ مجموعي ڪارڪردگيءَ جو ڀرپور مظاهرو ڪيو. ٽرائلز منعقد ڪرڻ جو مقصد ايندڙ سنڌ ڪاليج گيمز لاءِ باصلاحيت ۽ اهل رانديگرن جي چونڊ ڪري استاد بخاري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادو جي نمائنده ڪرڪيٽ ٽيم تيار ڪرڻ آهي. ان موقعي تي رانديگرن جي عمر جي تصديق لاءِ سندن تعليمي دستاويزن جي پڻ جاچ پڙتال ڪئي وئي، جنهن دوران 20 سالن کان گهٽ عمر وارن شاگردن کي ٽرائلز ۾ شرڪت جو اهل قرار ڏنو ويو. انتظاميا موجب اهڙيون رانديون جون سرگرميون شاگردن ۾ رانديون جو شعور، نظم و ضبط، مقابلي جو جذبو، ٽيم ورڪ ۽ مثبت صلاحيتون اجاگر ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون. سنڌ ڪاليج گيمز نوجوانن کي پنهنجي صلاحيتن جي اظهار ۽ رانديون جي ميدان ۾ اڳتي وڌڻ جا بهتر موقعا فراهم ڪن ٿيون

بقايا عوامي سوچ 04

رجي دروازي تي بيٺل ننڍڙو ٻار حيدر علي ولد علي نواز پناڻ سخت زخمي ٿي پيو. واقعي بابت مليل ڄاڻ موجب ننڍڙو حيدر علي پنهنجي گهر جي دروازي تي بيٺو هو ته گلي مان تيز رفتار سان ايندڙ موٽر سائيڪل کيس ٽڪر هنيو. جنهن جي نتيجي ۾ ٻار زخمي ٿي پيو ٻار جي مٿي ۾ ڌڪ لڳڻ سبب سندس حالت ڳڻتي جوڳي ٿي وئي، جنهن بعد کيس وڌيڪ علاج لاءِ ڪراچي ريفر ڪيو ويو. زخمي ٻار جي والد علي نواز پناڻ موجب سندس پٽ گهر جي دروازي تي بيٺل هو ته تيز رفتار موٽر سائيڪل کيس ٽڪر هنيو. واقعي سبب علائقي ۾ ڏک ۽ ڳڻتي جي لهر ڇانيل آهي

بقايا عوامي سوچ 05

ن ۾ شامل آهي، جنهن لاءِ لاڳاپيل کاتن، تعليمي ادارن ۽ پائيوار تنظيمن کي گڏيل ڪوششون ڪرڻ گهرجن. هن چيو ته ضلعي ۾ تعليمي سڌارن تي عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ سان گڏ اسڪول نه ويندڙ ٻارن جي نشاندهي ڪري کين اسڪولن ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن. ڊپٽي ڪمشنر اهڙن خيالن جو اظهار اڄ ڊپٽي ڪمشنر سيڪريٽريٽ مٽياري جي لطيف هال ۾ ضلعي ريفارم اوورسائيٽ ڪميٽي (DROC) ۽ اسڪولن کان ٻاهر ٻارن جي داخلا بابت ڪميٽي جي گڏيل اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو. اجلاس دوران ضلعي ريفارم اوورسائيٽ ڪميٽي جي حوالي سان تعليمي شعبي ۾ جاري سڌارن، مختلف کاتن جي ڪارڪردگي، مقرر ڪيل ذميوارين ۽ لاڳاپيل اسٽينڊرڊ آپريٽنگ پروسيجرز (SOPs)تي عملدرآمد جو جائزو ورتو ويو. ان موقعي تي تعليم کاتي جي نمائندن ۽ مختلف غير سرڪاري تنظيمن (NGOs)جي نمائندن پاران جاري سرگرمين، تعليمي سڌارن ۽ اسڪولن کان ٻاهر ٻارن جي داخلا بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. ڊپٽي ڪمشنر لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هو پنهنجي پنهنجي کاتن جي ذميوارين موجب ڪارڪردگي بهتر بڻائين ۽ تعليمي نظام ۾ موجود مسئلن جي حل لاءِ عملي قدم کڻن. اسڪولن کان ٻاهر ٻارن جي داخلا بابت اجلاس ۾ ضلعي اندر تعليم کان محروم ٻارن جي نشاندهي، کين اسڪولن ۾ داخل ڪرائڻ، داخلا مهم کي وڌيڪ تيز ڪرڻ ۽ والدين ۾ تعليم بابت شعور پيدا ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ويو ڊپٽي ڪمشنر چيو ته هر ٻار کي تعليم جي فراهمي يقيني بڻائڻ لاءِ لاڳاپيل تعليمي آفيسرن کي پنهنجي علائقن ۾ اسڪولن کان ٻاهر ٻارن بابت مستند انگ اکر گڏ ڪرڻ گهرجن ۽ انهن جي داخلا لاءِ مربوط حڪمت عملي تحت ڪم ڪرڻ گهرجي. هن وڌيڪ چيو ته سرڪاري توڙي خانگي تعليمي ادارن ۽ لاڳاپيل غير سرڪاري تنظيمن جي سهڪار سان تعليمي مقصدن جي حاصلات کي يقيني بڻائي سگهجي ٿو. تنهن ڪري سڀئي ادارا پنهنجي ذميوارين کي سنجيدگي سان نڀائين ۽ اجلاس ۾ ڪيل فيصلن تي عملدرآمد بابت اڳڀرائي جاري رکن. اجلاس ۾ ضلعي مٽياري جي سمورن لاڳاپيل آفيسرن، تعليم کاتي جي آفيسرن ۽ مختلف غير سرڪاري تنظيمن (NGOs)جي نمائندن شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 06

مظاهرو ڪيو ويو احتجاج ڪندڙن الزام لڳايو ته ملڪ نواز جوکيو کي احتجاجي ڪيمپ تان ڪنيي گم ڪيو ويو آهي، جنهن سبب سندس وارث ۽ ساٿي سخت پريشان آهن. هنن مطالبو ڪيو ته ملڪ نواز جوکيو کي فوري طور ظاهر ڪري آزاد ڪيو وڃي ۽ واقعي ۾ ملوث ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي. احتجاج ڪندڙن چتاءُ ڏنو ته جيستائين ملڪ نواز جوکيو کي بازياب نه ڪرايو ويندو، تيستائين سندن احتجاج جاري رهندو

بقايا عوامي سوچ 07

علي چهواڻ، قادر بخش چهواڻ، رضوان علي چهواڻ، شهميرخان چهواڻ ۽ محمد اسلم چهواڻ سان ملاقات ڪري تعزيت ڪئي ۽ گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي پير مظهرالحق مرحوم جي پونئرن سان همدردي جو اظهار ڪندي دعا ڪئي ته الله پاڪ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام ۽ مغفرت عطا فرمائي، جڏهن ته وارثن کي هن ڏک جي گهڙي ۾ صبر جميل عطا ڪري، پير مظهرالحق مرحوم جي مغفرت، درجات جي بلندي ۽ پونئرن لاءِ صبر جي دعا پڻ گهري.

بقايا عوامي سوچ 08

نڪشاف ڪندي چيو ته دادو ضلعي ۾ سوا به لک ٻار اسڪولن کان ٻاهر هجڻ سبب جبري پورهيو ڪرڻ تي مجبور آهن، آرٽيڪل 25اي تحت 5 کان 16 سالن جي ٻار کي سرڪار پاران هر صورت ۾ تعليم ڏياري ويندي ان قانون تي عمل درآمد نه پيو ٿئي جڏهن ته گذريل 8 سالن کان ليبر کاتو دادو ۾ غير فعال بڻيل آهي مقرر آفيسر گهر ويٺي پگهارون کڻي رهيا آهن، هنن چيو ته ضلع ۾ 41 اسڪولن کي تالا لڳل آهن، 77 اسڪولن جون بلڊنگون نه هجڻ سبب سوين ٻارڙا هن جديد دور ۾ به کليل آسمان هيٺ تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور آهن، هنن چيو ته هلندڙ سال 14 ٻارڙن ۽ ٻارڙين سان جنسي زيادتي ٿي هڪ ٻار کي زيادتي بعد قتل ڪيو ويو، گذريل سال 20 ٻارڙن سان جنسي زيادتي جا واقعا ٿيا ٻن سالن دوران هڪ به جوابدار کي اڃا تائين سزا نه ملي سگهي آهي، هنن چيو ته ميهڙ مان اغوا ٿيل اجالا پروين سولنگي 8 مهينا گذرڻ باوجود بازياب نه ٿي سگهي آهي دادو پوليس هٿ مٺي ڪري ننڊ سمهي پئي آهي جوڙيل جي آئي ٽي به هاٿي خاموش ويهي رهي آهي، هنن چيو ته سنڌ سرڪار پاران قائم ڪيل چائلڊ پروٽيڪشن اٿارٽي جي ساليانه 20 ڪروڙ روپيه بجيٽ ٻارڙن جي تحفظ تي خرچ ٿيڻ بجائي ليپس ٿي وڃي ڪامورن وچ ۾ حصي پتي تان اختلافن سبب ٻارڙن کي تحفظ فراهم ڪندڙ ادارو غير فعال بڻيل آهي جڏهن ته دادو جي يونٽ کي مليل گاڏي به واپس ورتي وئي، هنن چيو ته ننڍي عمر ۾ شادين جي روڪٿام لاءِ قانون ته جڙيل آهي پر ان تي عمل نه پيو ٿئي دادو پوليس غير سجينده بڻجي وئي آهي جنهن سبب هلندڙ سال به 19 کان وڌيڪ نياڻين جي ننڍي عمر ۾ شاديون ڪرايون ويون آهن، اڳواڻن مطالبو ڪيو ته سرڪاري اسڪولن ۾ سهولتن جي کوٽ ختم ڪئي وڃي، ٻارڙن سان زيادتي ڪندڙ جوابدارن کي سزائون ڏنيون وڃن، اجالا پروين سولنگي، پريا ڪماري سميت سنڌ مان اغوا ٿيل ٻارڙن کي بازياب ڪرايو وڃي، ٻارڙن جي حقن لاءِ جوڙيل قانونن تي سختي سان عمل ڪرايو وڃي ۽ چائلڊ پروٽيڪشن اٿارٽي جي بجيٽ ليپس ڪندڙ ڪامورن خلاف ڪاروائي ڪري فوري طور هٽايو وڃي ۽ سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ قائم ٿيل چائلڊ پروٽيڪشن يونٽن کي سڌي ريت بجيٽ جاري ڪري فعال بڻايو وڃي ته جيئن ٻارڙن جو تحفظ يقيني بڻجي سگهي، جڏهن ته ان موقعي تي ٻارڙن سول سوسائٽي جي اڳواڻن ساجد مستوئي، محمد وسيم ڪوڪر، راجا رفيق پنهور، صداقت سومرو، صابر آرائين، شير احمد سومرو، دانش خشڪ، الطاف عباسي، آصف پنهور، گاجي منگريو، شعبان سولنگي، منور چهواڻ ۽ ٻين ريلي شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 09

خت ڪاوڙ جو اظهار، سموريون ضروري سهولتون فراهم ڪرڻ جي هدايت صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ جي ريجنل ڊائريڪٽر الطاف حسين لغاري ويٽرنري اسپتال ٺٽو جو اوچتو دورو ڪري اسپتال جي مجموعي صورتحال، انتظامي معاملن ۽ عوام کي فراهم ٿيندڙ سهولتن جو جائزو ورتو ان موقعي تي اسسٽنٽ رجسٽرار غلام مرتضيٰ ميمڻ سميت ٻيا لاڳاپيل عملدار پڻ ساڻس گڏ هئا. دوري دوران ريجنل ڊائريڪٽر اسپتال ۾ آفيسرن، ڊاڪٽرن ۽ عملي جي غير موجودگي، صفائي سترائي جي ناقص صورتحال ۽ عمارت جي زبون حالي جو نوٽيس ورتو ان موقعي تي ڪيترائي شهري پنهنجن بيمار جانورن جي علاج لاءِ اسپتال ۾ موجود هئا، پر ڊاڪٽرن جي غير موجودگي سبب کين علاج جون سهولتون حاصل ڪرڻ ۾ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو هو ريجنل ڊائريڪٽر الطاف حسين لغاري اسپتال جي مجموعي صورتحال تي سخت ڪاوڙ ۽ ناراضگي جو اظهار ڪندي موجود عملي کي هدايت ڪئي ته اسپتال جي عمارت جي فوري مرمت، صفائي سترائي جا بهتر انتظام، آفيسرن، ڊاڪٽرن ۽ ٻين عملي جي هر وقت موجودگيءَ سان گڏ جانورن جي علاج لاءِ سموريون ضروري سهولتون فراهم ڪرڻ يقيني بڻايون وڃن، ته جيئن عوام کي ڪنهن به قسم جي پريشاني کي منهن نه ڏيڻو پوي. هن واضح ڪيو ته هو بيهر اوچتو دورو ڪري اسپتال جي صورتحال ۽ جاري ڪيل هدايتن تي عملدرآمد جو جائزو وٺندو.

بقايا عوامي سوچ 10

ام پٽ تلو مينگهواڙ ويئل ڳوٺ آڪاٽي جي فرياد تي چيلهار ٿاڻي تي، ايف آءِ آر نمبر 1482 19/11/2026 گناه نمبر 4/5 302,324,114,147,148,149,5 Fi,Ppc 337,Ai04,337تحت داخل ڪيو ويو آهي جنهن ۾ هرهڪ 1. سومار پٽ پير بخش ڪوسو 2. رجب علي پٽ غلام رسول ڪوسو 3. روشن پٽ پير بخش ڪوسو 4. عبدالرزاق عرف پورو پٽ سومار ڪوسو 5. رب نواز پٽ غلام رسول ڪوسو 6. واحد بخش پٽ فضل ڪوسو 7. عطاالله پٽ ملوڪ ڪوسو 8. پرديپ ڪمار عرف چڪو پٽ پيرو لال ذات مهراج شامل آهن. چيلهار شهر هن وقت به مڪمل طور بند آهي، جڏهن ته عمرڪوٽ مٺي روڊ تي ڌرڻا لڳل آهن ۽ ٽريفڪ معطل آهي، مظاهرين طرفان واقعي ۾ ملوث سڀ جوابدارن جي گرفتاري تائين ڌرڻو جاري رکڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي

بقايا عوامي سوچ 11

ي چيئرمين جيئي سنڌ تحريڪ شبير احمد جمالي ايوان صحافت پريس ڪلب ٺٽو ۾ وحدتِ سنڌ رهبر ڪاميٽي طرفان جيئي سنڌ تحريڪ جي چيئرمين شبير احمد جمالي، جنرل سيڪريٽري راول ڪرناٽي ، چام سنگهار ڪرناٽي ۽ ٻين اڳواڻن ايوانِ صحافت پريس ڪلب ٺٽو ۾ اچي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته 1973ع جي آئين جي آڙ ۾ سنڌ جي وحدانيت، خودمختياري ۽ وسيلن بابت اهڙا فيصلا ڪيا پيا وڃن، جيڪي سنڌ جي عوام لاءِ ڳڻتي جو سبب بڻيل آهن. هنن چيو ته محسن نقوي کو چونڊيل نمائندو ناهي، ان باوجود هو پاڪستان بابت اهڙيون ڳالهيون ڪري رهيو آهي، جيڪي سمجھ کان ٻاهر آهن. سنڌ اسيمبلي مان منظور ٿيل ٺهراءَ ۽ سنڌ اسيمبلي جي تقدس کي نظرانداز ڪرڻ سنڌ جي وحدانيت ۽ عوامي حقن جي خلاف آهي ان کي اسان سنڌ تي وار محسوس ڪيون ٿا. سنڌ بابت ريفرنڊم جون ڳالهيون ڪرڻ به سنڌ جي عوام جي حقن ۽ اختيارن تي سواليا نشان آهي. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته سنڌ سان ايتري ناانصافي ۽ سياسي پارٽين خلاف اهڙو رويو جو اختيار ڪيو پيو وڃي، جڏهن ته سنڌ مان گئس، ڪوئلو ليٿيم، يورينيم ۽ پيٽرول سميت قدرتي وسيلا آهن جن تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، پر سنڌ جي عوام کي انهن وسيلن جو جائز حق نٿو ڏنو وڃي. شاه بندر جي ساموندي پٽي تي ذوالفقار آباد جي نالي تي قبضي جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن، جڏهن ته سنڌ جي ماڻهن کان پاڻي تي سندن اختيار به کسڻ جون سازشون ٿي رهيون آهن. هنن الزام هنيو ته سنڌ جي عوام جي سخت اعتراضن باوجود 48 لک ايڪڙ زمين تي قبضي جون ڪوششون جاري آهن، جنهن سبب سنڌ کي معاشي طور ڪمزور ۽ تباهه ڪيو پيو وڃي. سنڌ جي وسيلن ۽ زمينن تي قبضي جون پاليسيون سنڌ کي معاشي بدحالي ڏانهن ڌڪي رهيون آهن. هنن چيو ته پاڪستان 14 نڪتن جي بنياد تي وجود ۾ آيو هو پر انهن اصولن ۽ معاهدن جي ڀڃڪڙي ڪئي پئي وڃي. ڪراچي ۾ ٻاهرين ماڻهن جي آبادڪاري باوجود سنڌ جي وسيلن تي سنڌ جي عوام جي حقن کي نظرانداز ڪيو پيو وڃي. وحدتِ سنڌ جي اڳواڻن سنڌ جي عوام کي اپيل ڪئي ته 22 مارچ تي ڪراچي ۾ ڪڍي ويندڙ ريلي ۾ ڀرپور شرڪت ڪري سنڌ جي وحدانيت، زمينن، پاڻي ۽ قدرتي وسيلن جي تحفظ لاءِ پنهنجو قومي ڪردار ادا ڪن. هنن اعلان ڪيو ته ريلي ٺٽي مان شهيد شفيع محمد ڪرناٽي چوڪ کان رواني ٿيندي ۽ ڪراچي پريس ڪلب تائين پهچندي، جتي سنڌ جي حقن ۽ وسيلن جي تحفظ لاءِ آواز بلند ڪيو ويندو. هنن سنڌ جي عوام، سياسي، سماجي ۽ قومپرست ڌرين کي ريلي ۾ شرڪت جي دعوت ڏني.

بقايا عوامي سوچ 12

پريس ڪانفرنس، تحفظ جي اپيل ٺٽي شهر جي اسلام پور محلي جي رهواسڻ حبيبه ميمڻ زال عبدالمجيد ميمڻ ايوانِ صحافت پريس ڪلب ٺٽو ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته سندس سهري امير علي ميمڻ ولد عثمان ميمڻ جي ملڪيت جي ورهاست ٿيل آهي، جڏهن ته سندس سهري کي سيد محمد شاه طرفان سبيل لاءِ مليل پلاٽ تي سندس سهري جو ڀاءُ رشيد ميمڻ زبردستي کيبن قائم ڪري قبضو ڪيو آهي، جتي مبينا طور منشيات جو وڪرو پڻ ڪيو پيو وڃي. هن چيو ته سال 2019ع کان وٺي چاٽايل معاملي تي تڪرار هلندڙ آهي. اسان پاران کيبن لڳائڻ ۽ مبينا منشيات جي وڪري تي اعتراض ڪرڻ سبب ڪيترائي پيرا جهيڙا ٿي چڪا آهن. جڏهن ته معاملي جا مختلف وقتن تي فيصلا پڻ ٿيا آهن ۽ لاڳاپيل ٿاڻن تي ڪيس به داخل ٿيل آهن. حبيبه ميمڻ وڌيڪ الزام لڳايو ته تازو رشيد ميمڻ وارا چاٽايل کيبن کي پڪو تعمير ڪرائي رهيا هئا جيڪا منهنجي گهر جي گٽر جي مٿان ناهي رهيا آهن. جنهن تي منع ڪرڻ تان مون ۽ منهنجي پٽ کي مبينا طور تشدد جو نشانو بڻايو ويو واقعي بابت مون لاڳاپيل ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي، اسپتال جو ليٽر حاصل ڪري علاج ڪرايو ۽ ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ پڻ ورتو آهي. هن چيو ته واقعي باوجود مخالف ڌر پاران کين مسلسل ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن. ڪوڙا الزام هڻي پوليس ذريعي پڻ هراسان ڪيو پيو وڃي، جنهن سبب هو سخت پريشاني ۽ خوف واري صورتحال کي منهن ڏئي رهيا آهن. حبيبه ميمڻ سيشن جج ٺٽو ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو ۽ ايس ايس پي ٺٽو کي اپيل ڪندي مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي کين ۽ سندن خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي، پلاٽ تان مبينا ناجائز قبضو ختم ڪرايو وڃي، منشيات جي مبينا وڪري خلاف قانوني ڪارروائي ڪري علائقي مان منشيات جو خاتمو آندو وڃي ۽ کين انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 13

قد ڪئي وئي، جنهن ۾ شاگردن پاران آرٽ، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي شعبن سان لاڳاپيل مختلف تخليقي ۽ جديد منصوبا (Projects)نمائش لاءِ پيش ڪيا ويا. هن نمائش ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (SEF)جي سهڪار سان جوهي ۾ هلندڙ مختلف اسڪولن ڀرپور شرڪت ڪئي، جن ۾ JORDANسيڪنڊري اسڪول نيو ڪالوني، گورڪ فائونڊيشن اسڪول، دي جينيئس پبلڪ اسڪول، زوها پبلڪ اسڪول، روشني پبلڪ اسڪول ۽ ٻيا اسڪول شامل هئا. تقريب ۾ خاص مهمانن طور مسٽر غلام مرتضيٰ جمالي، ڊسٽرڪٽ هيڊ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن دادو، عبدالمجيد جوڻيجو، آفيسر سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن دادو ۽ علي اڪبر پنهور، سي اي او گورڪ فائونڊيشن شرڪت ڪئي. خاص مهمانن نمائش ۾ رکيل مختلف منصوبن جو جائزو ورتو ۽ شاگردن جي تخليقي صلاحيتن، محنت ۽ جديد سوچ کي ساراهيندي سندن حوصلا افزائي ڪئي. هن نمائش جو مقصد شاگردن ۾ تخليقي سوچ، سائنسي شعور، تحقيق ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ جي استعمال کي هٿي وٺرائڻ سان گڏوگڏ کين پنهنجي صلاحيتن جي اظهار لاءِ هڪ بهترين پليٽ فارم فراهم ڪرڻ هو اهڙيون تعليمي سرگرميون شاگردن ۾ خود اعتمادي، جدت ۽ عملي سکيا جي صلاحيتن کي فروغ ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون

بقايا عوامي سوچ 14

پيراميڊيڪل ايسوسيئيشن سول اسپتال مٺي ۽ پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن ٿرپارڪر سول اسپتال مٺي ۾ ٽوڪن هڙتال ڪئي وئي. اعلي حڪام کان اهو مطالبو ڪيو ويو ته سريش ڪمار جي پٽ جي قاتلن کي قانوني ڪٽهري ۾ آندو وڃي ۽ سخت کان سخت سزا ڏني وڃي، پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن ضلع صدر ڊاڪٽر حفيظ احمد دل ، ڊاڪٽر دليپ ننداڻي، ڊاڪٽر دليپ سوني ڊاڪٽر دليپ ۽ ٻين ڊاڪٽرن وڏي تعداد شرڪت ينگ پيراميڊيڪل ايسوسيئيشن ٿرپارڪر ضلعي صدر نريش ڪمار جنرل سيڪريٽري مير مرتضي بجير شولعل مصراني رسول بخش جوڻيجو ۽ سجي اسٽاف شرڪت. انهي دؤران سول اسپتال مٺي جي او پي ڊي بلڪل بند احتجاج ريلي مين گيٽ تائين مظاهرو ڪيو ويو. اهو مطالبو ڪيو ٿرپارڪر جي پرامن علائقي ۾ سري عام دهشگردي ۽ ماڻهو ماڻهو افسوس جهڙي صورتحال آهي ۽ ٿر ۾ جي امن کي وڌيڪ خراب ڪرڻ کان بچايو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 15

ل ڪيون ويون. آهن يونين ڪائونسل 29 اوڏيرولال وليج ۾ 22 نومبر ٿيندڙ اليڪشن دوران 12 پولنگ اسٽيشن قائم ڪيا ويندا جنهن ۾ 3 پولنگ اسٽيشن کي حساس قرار ڏنو ويو آهي اوڏيرولال سٽي جي 4، پولنگ سميت خدريون. ٻهريون. شامل آهن جڏهن ته اليڪشن واري ڏينهن ايس ايس پي مٽياري پاران سيڪورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا ويندا جنهن لاءِ 3 ڊي ايس پيز 8 ايس ايڇ او، سميت 18 ليڊيز اهلڪارن سميت 108 پوليس جا جوان پڻ مقرر ڪيا ويندا. جيئن ڪو اڻٽڻدڙ واقعو پيش نه اچي ٻئي طرف ڊي ايس پي ڪيبراڻي طارق ڪوريجو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته ايس ايس پي مٽياري پاران سخت هدايتون ڏنيون ويون آهن ته سيڪورٽي جا انتظام سخت ڪيا وڃن جنهن لاءِ ڪنهن به اڻٿيندڙ واقعي کي منهن ڏيڻ لاءِ اسان جوان هر وقت الرٽ هوندا. ۽ اليڪشن واري ڏينهن امن امان جي صورتحال کي برقرار رکيو ويندو اميد آهي ته اوڏيرولال وليج ۾ اليڪشن پرامن طريقي سان گذري ويندو.

بقايا عوامي سوچ 16

ض چند ڪليري جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. پنهنجي جاري ڪيل تعزيتي بيان ۾ علامه سيد ساجد علي نقوي مرحوم جي فرزند علي حيدر ڪليري ۽ سموري سوڳوار خاندان سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪندي چيو ته مرحوم فياض چند ڪليري جون ادبي ۽ صحافتي خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون. هن چيو ته سندس وڇوڙي سان ادب ۽ صحافت جي ميدان ۾ جيڪو خال پيدا ٿيو آهي، اهو آساني سان پرجي نه سگهندو. قائد ملت جعفريه دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحوم کي پنهنجي جوارِ رحمت ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي، سندس مغفرت ڪري ۽ پونئيرن کي هي وڏو صدمو برداشت ڪرڻ جي توفيق ۽ صبر جميل عطا فرمائي

بقايا عوامي سوچ 17

ويا آهن پر سندن سازش ڪڏهن به پوري ٿيڻ نه ڏينداسين اها سازش ضياء جي دور کان هلي پئي پر اسان پنهنجي ڌرتي ماء جي حفاظت لاء هلون پيا ڪنهن کي ميري اک سان ڏسڻ نه ڏينداسين تندوالهيار ۾ شهيد الطاف جسڪاڻي جي 6هين ورسي کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته توهان جو مادر وطن خطري ۾ آهي ان ڪري آئون عام حالت ۾ ناهيان آيو وري نئون راڳ شروع ٿي ويو آهي ته اهي اسٽيبلشمنٽ جي ڪلهي تي چڙي صوبا ناهڻ چاهن ٿا مون تي الزام لڳن پيا ته آئون پ پ جي بي ٽيم آهيان جيڪو آئون چوندو اچان اها ساڳي ڳالهه بلاول پٽو ساڳي زبان استعمال ڪري رهيو آهي ماڻهون چون پيا ته بلاول ڀٽو قادر مگسي جي زبان ڳالهائي پيو هن چيو ته اجان ته 29 نومبر پري آهي هاڻي کان ايم ڪيو ايم وارا پڇي ويا آهن اسان سڀ سنڌي ٿي وڙهنداسين اسان پنهنجي ذات کي هڪ پاسي رکي ڇڏيو آهي سنڌ اسان جي امڙ آهي سنڌ تان جان به قربان ڪري ڇڏينداسين پر سنڌ کي ٽڪرا ٿيڻ نه ڏينداسين 29 نومبر تي لکين ماڻهو اجرڪ ٽوپي پائي ڪراچي پهچنداسين اسان جڏهن اتي پهتاسين ته پاڙيا سڀ گهرن ۾ لڪي ويندا خالد مقبول صديقي هڪ پيرو وري لساني جهيڙا ڪرائڻ چاهي ٿو اردو ڳالهائيندڙ به اسان جا ڀاء آهن هي جنگ سنڌين جي نه پر سنڌ ۾ رهڻ واري هر فرد آهي ڪين 29 نومبر تي گڏ هلڻ جي دعوت ڏيان ٿو هن وڌيڪ چيو ته الطاف جسڪاڻي سنڌ جو اردو پٽ هو جيڪو سنڌ تان گهورجي ويو هن ملڪ جو قانون انڌو آهي آئين ۾ لکيل آهي جيڪو هڪ سال جيل ۾ گذاري ان جو ضمانت گهرڻ هڪ حق آهي اسد جسڪاڻي 5 سال کان قيد ۾ آهي اسد جسڪاڻي کي بنا دير ان جو حق ڏنو وڃي اسد جو 5 سال کان ڪيس نه پيو هلي سرڪاري ايم ڪيو ايم پريشرائز پئي ڪري عدالتن کي. اميد آهي ته ايندڙ ورسي تائين اسد جسڪاڻي آزاد ٿي ويندو

بقايا عوامي سوچ 18

رجمان سڪ ديو هيمناڻي وزير دفاع خواجا آصف جي بيان تي سخت ردعمل ڏيندي چيو آهي ته خواجا آصف جهڙا وزير شهباز شريف حڪومت لاءِ مشڪلاتون پيدا ڪن ٿا آزاد ڪشمير جي خراب حالتن دوران به ساڳيو وزير دفاع زهر آلود بيان ڏئي رهيو هو، وزيراعظم پنهنجي اهڙن وزيرن کي ڪنٽرول ڪري، هن چيو ته ريفرنڊم جو آپشن هميشه آمرن پاران غير جمهوري مقصدن لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي، هي چور دروازو نه آهي ته پيو ڇا آهي. آئين، پارليامينٽ ۽ صوبائي اسيمبليون موجود هجڻ باوجود ريفرنڊم تي زور ڏيڻ مان ظاهر ٿئي ٿو ته وفاقي وزيرن جي نيت ڪجهه ٻي آهي،بلاول ڀٽو زرداري وزيراعظم کي اتحادين ۽ اپوزيشن جو اعتماد بحال ڪرڻ جو مشورو ڏنو خواجا آصف جي بيانن مان لڳي ٿو ته هو شهباز حڪومت کي مستحڪم نه ڏسڻ چاهي ٿو پيپلز پارٽي 2022 کان نواز ليگ حڪومت سان گڏ آهي ته ان جو مطلب اهو ناهي ته هر غير آئيني قدم جي حمايت ڪريون. اتحادي هجڻ باوجود حڪومت جي هر غير جمهوري ۽ غير آئيني قدم سان اختلاف ڪندا رهنداسين

بقايا عوامي سوچ 19

بقايا عوامي سوچ 20

هزارين عقيدتمندن، زائرين ۽ شهرين شرڪت ڪري درگاه تي حاضري ڀري ۽ سلام پيش ڪيو ميلي جو افتتاح شيرازي گروپ جي سرواڻ اڳوڻي ضلعي ناظم سيد شفقت حسين شاه شيرازي ۽ پ پ پ ايم اين اي سيد اياز علي شيرازي ڪيو. ميلي جو انتظام درگاه جي گادي نشين سليمان خليفو ۽ رياض خليفو پاران ڪيا ويو. ميلي ۾ ايندڙ ماڻهن جي وندر لاءِ مختلف قسمن جا جهولا، سرڪس ۽ بازارون لڳايون ويون، جتي وڏن، نوجوانن توڙي ٻارڙن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ميلي ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جي ناميارن ملھ پهلوانن وچ ۾ ملھ جا دلچسپ مقابلا پڻ ٿيا، جن ۾ سيد اياز شاه، غلام نبي شيدي سميت ٻين پهلوانن حصو وٺي پنهنجي ڏانوَ ۽ سگھ جا جوهر ڏيکاريا. مقابلا ڏسڻ لاءِ وڏي انگ ۾ تماشائي پڻ ميلي ۾ پهتا، جن پهلوانن کي ڀرپور داد ڏنو جڏهن ته بهترين مقابلا ڪندڙ پهلوانن کي تماشائين پاران انعام پڻ ڏنا ويا. چار ڏينهن جاري رهندڙ ميلي ۾ موسيقي جون محفلون پڻ سجايل رهيون، جن ۾ سنڌ جي ناليوارن فنڪارن پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو. پهرين ڏينهن قادر جت، ٻئي ڏينهن ثريا سومرو ۽ ٽئين ڏينهن محبوب مير جت، چوٿين ڏينهن سونيا سومرو پنهنجي فن سان ماڻهن کان خوب داد وصول ڪيو. چار ڏينهن تائين جاري رهندڙ ميلي ۾ عقيدت، ثقافت، ملھ ۽ موسيقي جا رنگ ڇانيل رهيا. گذريل رات ميلي جون سموريون تقريبون پڄاڻي تي پهتيون. ڪامياب ميلو منعقد ڪرڻ تي گادي نشين سليمان خليفو کي ملھ پهلوانن ۽ ڳوٺاڻن پاران بوسڪي جو پٽڪو ٻڌرايو ويو. حضرت سخي بادشاه جو هي تاريخي ميلو سنڌ جي قديم روايتن ۽ ثقافتي ورثي کي اجاگر ڪرڻ جو ذريعو بڻيل رهيو.

بقايا عوامي سوچ 21

يڪتا جو اظهار، پان سيدآباد ۾ ڪي ٽي اين نيوز ۽ ڪاوش پاران اعلانيل ايڪتا ڏهاڙو ڀرپور جوش ۽ جذبي سان ملهائڻ لاءِ شهر جي مختلف تعليمي ادارن ۾ جاڳرتا ريليون ڪڍڻ جو سلسلو جاري آهي،ان سلسلي ۾ گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول پان سيدآباد مان اسڪول جي استادن نديم عباسي، خالد چنا ۽ نجم الدين پنهور جي اڳواڻي ۾ سوين شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران شاندار جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي

بقايا عوامي سوچ 22

ارِ شهدا تي گلن جي چادر چاڙهي وئي، نئين تعمير ٿيل ڪانفرنس هال جو افتتاح جامشورو: ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل آف پوليس حيدرآباد طارق رزاق ڌاريجو، ڪمشنر حيدرآباد فياض حسين عباسي ۽ ڊپٽي ڪمشنر جامشورو غضنفر علي قادري ايس ايس پي آفيس جامشورو پهتا، جتي ايس ايس پي جامشورو ظفر صديق چانگا معزز مهمانن جو شاندار استقبال ڪيو ل. ان موقعي تي پوليس جي چاق و چوبند دستي پاران معزز مهمانن کي سلامي پيش ڪئي وئي، بعد ۾ ڊي آءِ جي حيدرآباد، ڪمشنر حيدرآباد، ڊپٽي ڪمشنر جامشورو ۽ ايس ايس پي جامشورو يادگارِ شهدا تي حاضري ڀري ۽ شهيد پوليس اهلڪارن کي پيتا پيش ڪندي گلن جي چادر چاڙهي، تقريب دوران ڊي آءِ جي حيدرآباد طارق رزاق ڌاريجو ۽ ڪمشنر حيدرآباد فياض حسين عباسي گڏجي ايس ايس پي آفيس جامشورو ۾ نئين تعمير ٿيل ڪانفرنس هال جو افتتاح ڪيو. ان موقعي تي ايس ايس پي جامشورو پاران معزز مهمانن کي يادگار شيلڊون پڻ پيش ڪيون ويون. تقريب ۾ پوليس جا آفيسر ۽ ٻيا لاڳاپيل عملدار پڻ موجود هئا، شهيد پوليس اهلڪارن جون قربانيون اسان سڀني لاءِ مشعلِ راه آهن، جن کي هميشه ياد رکيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 23

دانهن جي باوجود به ڪٽوتي نه رڪجي سگهي. انتظاميا سميت ڊوائيسز هولڊر جا اتي بيٺل ايجنٽن جون موجون نه ڪو قانون آهي نه ڪو پڇڻ وارو هر ڪو پنهنجي ڏنڌي کي لڳو پيو آهي. هي ڪٽوتي نه رڪجي آهي نه ر ڪندي ضلعي انتظاميه خبر هوندي ڪابه ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي هر دفعي ڊوائيسز هولڊرن خلاف اسان دانهون ڪندا رهندا آهيون پر ڪوبه اثر نٿو پوي افسوس چوٽون ٿو پوي ته اهي ڊوائيسز هولڊر قانون کان به مٿانهون آهن اها ڪرپشن جي لعنت هن معاشري ختم نه ٿيندي هر طبقي هر پليٽ فارم تان آواز اٿاريو ويو آهي پر بنا نتيجي ختم ٿيو وڃي ۽ اسان غريب عوام جي ڦرلٽ جاري آهي انهي لاءِ اسان انتظاميه کي پرزور اپيل ٿا ڪريون ته اسان غريبن جي هن خيراتي رقم مان ڪٽوتي ڪرڻ بند ڪئي وڃي. اسان غريب عوام سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 24

بابت سنگين الزام سامهون اچي رهيا آهن. ذريعن موجب فرنچائزي هر قسط تي هڪ ڊوائز ذريعي مبينا طور 2 کان 3 لک رپين تائين وصولي ڪري ٿي. سانگهڙ ضلعي ۾ 30 کان وڌيڪ ڊوائز هلندڙ آهن، جن مان اڌ کان وڌيڪ ڊوائز مبينا طور ٺيڪي تي ڏنل آهن. ٺيڪيدار ڊوائز هولڊرن کان فرنچائزي جا فرنٽ مين في ڪارڊ 300 رپيا وصول ڪن ٿا. سوال اهو آهي ته جڏهن فرنچائزي جي مبينا سرپرستي ۽ ٺيڪي تي ڊوائز هلائڻ واري نظام جون شڪايتون موجود آهن ته پوءِ صرف ننڍن ڊوائز هولڊرن خلاف ڪارروائي ڇو؟ ڇا فرنچائزي خلاف جاچ ٿيندي؟ ڇا ٺيڪي تي ڏنل ڊوائز بند ڪيا ويندا؟ يا وري مستحق عورتن جي حقن تي ڌاڙو هڻندڙن کي اڳين ئي ڇوٽ مليل رهندي؟ ايس ايس پي سانگهڙ، ضلعي انتظاميا ۽ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو آهي ته فرنچائزي جي مالي رڪارڊ، ڊوائزن جي الاٽمينٽ ۽ فرنٽ مينن ذريعي ٿيندڙ مبينا وصولين جي شفاف جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا عوامي سوچ 25

ر ۾ مومل جي ماڙي جي پوليس اهلڪار خلاف احتجاج تفصيل موجب : ڳوٺ خاوند بخش مهر جي رهواسين محمد حسين گلزار احمد منثار محمد حسن محمد دين امير بخش نيشنل پريس عادلپور پهچي ماتيلو مومل جي ماڙي جي چوڪي انچارج گلشير وسير ۽ منشي ڪبير مهر خلاف احتجاج ڪيو وڌيڪ چيو ته چيف سردار محمد بخش خان مهر جو پي اي سڏائيندڙ ڪبير مهر اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي قرآن پاڪ ڪٽي نياٽيوني ميڙ ڪٽي وياسين اسان غريب مظلوم آهيون اسان مٿان رحم ڪاءِ. جيڪو اسان جي گهرن ۾ پوليس ساڻ ڪري بنا ڪنهن وارنٽ جي چئوديوار جو تقدس پامال ڪري گار گند ڪري ٿو عورتن کي دڪا ڏنائين ، ڪبير مهر جواب ڏيندي چيو ته جنهن کي چوٽواٽي چئو جيستائين 6 لک سٺ هزار نه ڏيندي پوليس تنهنجي گهر اچي گهر ڊراهيندي جڏهن ته بورڊ مان تار پٽيندڙ سان اسان جو ڪو واسطو ناهي جيڪو لاتعلقي جو بيان اسين ڪورٽ سگوري ۾ ڏيئي آيا آهيون. هنن وڌيڪ چيف سرادر محمد بخش خان مهر کي آئي جي سنڌ ڊي آئي جي سکر ايس ايس پي گهوٽڪي کي اپيل ته فورن نوٽيس وٺي انڪوائري ڪئي وڃي ائين نه ٿي جو پوليس چوڪي انچارج

بقايا عوامي سوچ 26

مارڪن وارن اميدوارن جي درخواست تي توهينِ عدالت تعليم کاتي جي ايڊيشنل سيڪريٽري اڪبر علي برهماڻي ۽ مس صِدرا سميت ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ کي نوٽيس جاري ڪندي 16 ڊسمبر تي ٻڌڻي رکي آهي . درخواست ديدار حسين لغاري ۽ ٻين پاران سنڌ حڪومت ۽ ٻين خلاف داخل ڪئي وئي هئي، عدالتي نوٽيس موجب اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ سنڌ جي ايڊيشنل سيڪريٽري (سيڪنڊري) ۽ ڪميٽي جي چيئرمين اڪبر علي برهماڻي، ايڊيشنل سيڪريٽري (پرائمري) مس صِدرا ۽ ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ کي نوٽيس جاري ڪيا ويا آهن. عدالت لاڳاپيل ڌرين کي هدايت ڪئي آهي ته مقرر تاريخ تي عدالت ۾ ذاتي حثيت ۾ پيش ٿي پنهنجا جواب جمع ڪرائين. ٻي صورت ۾ سندن غيرحاضريءَ ۾ به درخواست جي ٻڌڻي ڪري فيصلو ڪيو ويندو. درخواستگذار ديدار حسين لغاري ۽ ٻين جو موقف آهي ته سنڌ هاءِ ڪورٽ اڳ ۾ 33 کان 39 مارڪن وارن اميدوارن کي آفر آرڊر جاري ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو پر تعليم کاتي پاران عدالتي حڪم تي عمل نه ڪيو ويو آهي، جنهن سبب اميدوار اڃا تائين پنهنجن حقن کان محروم آهن. درخواستگذارن مطالبو ڪيو آهي ته گذريل پنجن سالن کان انصاف جي انتظار ۾ ويٺل اميدوارن کي جلد انصاف فراهم ڪري ميرٽ موجب سندن حق ڏنا وڃن ۽ تعليم کاتي کي عدالتي حڪمن تي عمل ڪرڻ جو پابند بڻايو وڃي. هو ڏانهن سنڌ تحريڪ سان لاڳاپيل اميدوارن عدالتي نوٽيس کي انصاف جي حاصلات لاءِ اهم اڳڀرائي قرار ڏيندي مطالبو ڪيو آهي ته هڪ سنڌ، هڪ پاليسي تحت ٻٽي پاليسي ختم ڪري سڀني اميدوارن سان هڪجهڙو سلوڪ ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 27

ڪٽوتي ڪرڻ تي 06 ڊوائيس هولڊرن خلاف ڪاروائي ماوا گٽڪو ٺاهيندڙ فيڪٽري تي ڇاپو سانگهڙ: تفصيل موجب سڄي ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي حدن ۾ ڏوهاري عناصرن خلاف ڀرپور ڪارروايون ڪيون ويون آهن. ان سلسلي ۾ ايس ايڇ او ڪاهي محمد شريف جمالي ڦر جي ٻن ڪيسن ۾ نامزد روپوش جوابدار در محمد راڄڙ کي 1100 گرام چرس سميت گرفتار ڪري ورتو آهي ايس ايڇ او شهدادپور محمد حنيف مهر چرس جي 03 ڊيلر شهزاد لنجواڻي، علي رضا سولنگي ۽ محمد حسن راجپوت کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان 2095 گرام چرس هٿ ڪري ورتي آهي جڏهن ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي امدادي رقم مان ناجائز ڪٽوتي ڪرڻ تي ديوو پيبل کي ڊوائيس سميت گرفتار ڪيو ويو آهي ان کان علاوه محمد طاهر راجپوت وٽان گٽڪي جون 200 پڙيون هٿ ڪيون ويون آهن ايس ايڇ او سانگهڙ گلزار علي مري بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي امدادي رقم مان زبردستي ناجائز ڪٽوتي ڪرڻ جي الزام ۾ صادق شيخ ۽ محمد رمضان خاصخيلي کي گرفتار ڪري هڪ ڊوائيس ۽ موبائل فون هٿ ڪيو آهي ان کان علاوه علي رضا عرف بجلي ملاح وٽان گٽڪي جون 250 پڙيون هٿ ڪيون آهن ايس ايڇ او چوٽياريون نبي بخش لاشاري بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي امدادي رقم مان ناجائز ڪٽوتي ڪرڻ تي صالح محمد شاه ۽ ممتاز شاه کي گرفتار ڪري هڪ ڊوائيس هٿ ڪئي آهي ايس ايڇ او بي سيڪشن بشير احمد چانڊيو مقامي سطح تي صحت لاءِ هاجيڪار ماوا گٽڪو ٺاهيندڙ فيڪٽري تي ڇاپو هڻي خادم حسين ٿهيم کي گرفتار ڪري تيار ٿيل ماوا گٽڪي جون 250 پڙيون هٿ ڪيون آهن ايس ايڇ او پيرومل محمد اسحاق سنگراسي ڏوهارين کي پناه ڏيڻ جي الزام ۾ نزاڪت حسن قريشي خلاف ڪيس داخل ڪيو آهي ان کان علاوه غلام حيدر چنڊ ۽ نويد چنڊ کي گرفتار ڪري گٽڪي جون 110 پڙيون هٿ ڪيون آهن، جڏهن ته هڪ روپوش جوابدار غلام حيدر عرف مڪر زرداري کي پڻ گرفتار ڪيو ويو آهي ايس ايڇ او چام نواز علي مير مهراڻ خاصخيلي، محمد اشرف جکرو کي گرفتار ڪري گٽڪي جون 120 پڙيون هٿ ڪيون آهن ٽنڊوآدم پوليس بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي امدادي رقم مان ناجائز ڪٽوتي ڪرڻ تي محمد عرفان آرائين کي گرفتار ڪيو آهي ايس ايڇ او سرهاڙي امام بخش منياڻي غلام قادر زرداري وٽان گٽڪي جون 200 پڙيون هٿ ڪيون آهن چرس جي 04 ڊيلرن، ٻين 07 منشيات فروشن ۽ 02 روپوش جوابدارن سميت 19 جوابدار گرفتار 03 ڪلو کان وڌيڪ چرس ۽ سوين پڙيون گٽڪو هٿ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي امدادي رقم مان زبردستي ناجائز ڪٽوتي ڪرڻ تي 06 ڊوائيس هولڊرن خلاف ڪاروائي ماوا گٽڪو ٺاهيندڙ فيڪٽري تي ڇاپو سانگهڙ: تفصيل موجب سڄي ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي حدن ۾ ڏوهاري عناصرن خلاف ڀرپور ڪاروايون ڪيون ويون آهن. ان سلسلي ۾ ايس ايڇ او ڪاهي محمد شريف جمالي ڦر جي ٻن ڪيسن ۾ نامزد روپوش جوابدار در محمد راڄڙ کي 1100 گرام چرس سميت گرفتار ڪري ورتو آهي ايس ايڇ او شهدادپور محمد حنيف مهر چرس جي 03 ڊيلر شهزاد لنجواڻي، علي رضا سولنگي ۽ محمد حسن راجپوت کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان 2095 گرام چرس هٿ ڪري ورتي آهي جڏهن ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي امدادي رقم مان ناجائز ڪٽوتي ڪرڻ تي ديوو پيبل کي ڊوائيس سميت گرفتار ڪيو ويو آهي ان کان علاوه محمد طاهر راجپوت وٽان گٽڪي جون 200 پڙيون هٿ ڪيون ويون آهن ايس ايڇ او سانگهڙ گلزار علي مري بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي امدادي رقم مان زبردستي ناجائز ڪٽوتي ڪرڻ جي الزام ۾ صادق شيخ ۽ محمد رمضان خاصخيلي کي گرفتار ڪري هڪ ڊوائيس ۽ موبائل فون هٿ ڪيو آهي ان کان علاوه علي رضا عرف بجلي ملاح وٽان گٽڪي جون 250 پڙيون هٿ ڪيون آهن ايس ايڇ او چوٽياريون نبي بخش لاشاري بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي امدادي رقم مان ناجائز ڪٽوتي ڪرڻ تي صالح محمد شاه ۽ ممتاز شاه کي گرفتار ڪري هڪ ڊوائيس هٿ ڪئي آهي ايس ايڇ او بي سيڪشن بشير احمد چانڊيو مقامي سطح تي صحت لاءِ هاجيڪار ماوا گٽڪو ٺاهيندڙ فيڪٽري تي ڇاپو هڻي خادم حسين ٿهيم کي گرفتار ڪري تيار ٿيل ماوا گٽڪي جون 250 پڙيون هٿ ڪيون آهن ايس ايڇ او پيرومل محمد اسحاق سنگراسي ڏوهارين کي پناه ڏيڻ جي الزام ۾ نزاڪت حسن قريشي خلاف ڪيس داخل ڪيو آهي ان کان علاوه غلام حيدر چنڊ ۽ نويد چنڊ کي گرفتار ڪري گٽڪي جون 110 پڙيون هٿ ڪيون آهن، جڏهن ته هڪ روپوش جوابدار غلام حيدر عرف مڪر زرداري کي پڻ گرفتار ڪيو ويو آهي ايس ايڇ او چام نواز علي مير مهراڻ خاصخيلي، محمد اشرف جکرو کي گرفتار ڪري گٽڪي جون 120 پڙيون هٿ ڪيون آهن ٽنڊوآدم پوليس بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي امدادي رقم مان ناجائز ڪٽوتي ڪرڻ تي محمد عرفان آرائين کي گرفتار ڪيو آهي ايس ايڇ او سرهاڙي امام بخش منياڻي غلام قادر زرداري وٽان گٽڪي جون 200 پڙيون هٿ ڪيون آهن

بقايا عوامي سوچ 28

لک رپيا وصول ڪيا، جڏهن ته گذريل 9 مهينن کان مسلسل ڪوڙا واعدا ۽ دلاسا ڏئي ڪيس ٽاريندو رهيو آهي. متاثر نوجوان موجب نه ڪيس سرڪاري نوڪري وٺي ڏني وئي ۽ نه ئي سندس رقم واپس ڪئي وئي، جڏهن ته رقم واپسي لاءِ ڏنل چيڪ پڻ ڪيش نه ٿي سگهيا. محبوب علي شر ڊائريڪٽر اينٽي ڪرپشن ميرپورخاص، ڊائريڪٽر نارا ڪينال، سرڪل آفيسر اينٽي ڪرپشن ۽ انجنيئر جمڙائو ڪينال کان مطالبو ڪيو آهي ته اسد الله مهر خلاف قانوني ڪارروائي ڪري ڪيس انصاف فراهم ڪيو وڃي. واضح رهي ته متاثر نوجوان جي دعويٰ موجب اسد الله مهر ان کان اڳ به سرڪاري وڻ ڪٽرائڻ واري معاملي تي اينٽي ڪرپشن جي ڪيس ۾ ڪارروائي هيٺ آهي

بقايا عوامي سوچ 29

طرفان جوابدارن کي گرفتار نه ڪرڻ خلاف ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن قمبر شهدادڪوٽ جي سڏ تي وڪيلن سمورين عدالتن جو بائيڪاٽ ڪيو ۽ پنهنجن ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي احتجاج رڪارڊ ڪرايو ان موقعي تي بار جي صدر نورالله رند، محمد ايوب خانزاده، منصور ارشاد تنيو ۽ ٻين چيو ته وڪيل يحيٰ چچڙو کي حملي ۾ سخت زخمي ڪيو ويو آهي سندس حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ سبب کيس وڌيڪ علاج لاءِ ڪراچي منتقل ڪيو ويو آهي پر افسوس جو پوليس جو اڃا تائين حملي ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ناهي ڪيو جيڪا پوليس جي سستي ۽ بي واجبي آهي. هنن چيو ته هڪ وڪيل تي حملو ٿيڻ باوجود جوابدارن جي گرفتاري نه ٿيڻ سان وڪيل برادري ۾ سخت ڳڻتي ۽ بيچيني پکڙيل آهي. هنن اعليٰ پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي جوابدارن کي بنا دير گرفتار ڪيو وڃي زخمي وڪيل کي انصاف ۽ وڪيل برادري کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 30

ديرو پهچي احتجاج ڪيو ڳوٺاڻي منير احمد دانهيندي ميڊيا وارن کي ٻڌايو ڪجهه سال اڳ سرفراز ولد الله بخش تنيو منهنجي نياڻي سان زيادتي ڪئي هئي اهو منهنجو ڪارو آهي ڳوٺ جي بااثر ڪاري ٿيل جو چاچو حاجي علي بخش تنيو مون وٽ آيو جنهن چيو ته مان تنهنجو فيصلو ڪري آيو آهيان سرفراز تنيو وارا توکي به ايڪڙ زمين ۽ ڏنڊ ڏوهه ڏئي تنهنجي تڏي تي ميڙ ڪٽي معافي وٺندا جنهن جو زميوار مان آهيان تون خاموش ٿي ويهي رهه سرفراز تنيو وارن اڄ ڏينهن تائين فيصلي تي عمل نه ڪيو سرفراز تنيو جا سوٽ راشدماجدسرفراز تنيو وارن منهنجي زرعي زمين جا ٻنا ڪپيا دانهين ٿيڻ تي پنهنجو ڏاڍ ڏيکاريندي منهنجي زمين غيرآباد ڪري ڇڏي آهي زمين ڪاهڻ نه پيا ڏين ڌمڪيون ڏين ٿا ته توتي ڪوڙا ڪيس ڪنداسون ۽ توکي ماريندا سون 3 ڊسمبر 2025 تي منهنجي منهنجي پلوڙ مينهن چوري ٿي وئي مان غذنفر تنيو ڏي ويس جنهن چيو ته تو اسان جي خلاف سوشل ميڊيا تي پوسٽون هلايون آهن جنهن جي توکي سزا ملي آهي هاڻي واويلا بند ڪري خرچ جا پنجاه هزار ڏي ته توکي مينهن واپس ڪرائي ڏيان تو ڳوٺاڻي چيو ته مان غريب مسڪين آهيان پنهنجي سردار ڏي قمبر شهداد ڪوٽ به ويو آهيان ڪير به منهنجي غربت سبب مدد نه ٿو ڪري متاثر آءِ جي سنڌدي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته مون سان ٿيل ناجائزين ۽ زيادتين جو نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت ٻچن سميت سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 31

مل ڪيا وڃن ته جيئن ملڪ جي مختلف علائقن مان ايندڙ زائرين کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ سان گڏ مقامي شهرين کي به ترقياتي منصوبن جا فائدا ملي سگهن. هن ترقياتي ڪمن جي رفتار تيز ڪرڻ، تعميراتي معيار برقرار رکڻ ۽ منصوبن جي وقت سر تڪميل کي يقيني بڻائڻ تي زور ڏنو.اهڙن خيالن جو اظهار هن ڊي آءِ جي حيدرآباد طارق رزاق ڌاريجو سان گڏ سيوهڻ شريف جي دوري دوران ڊپٽي ڪمشنر ڪيمپ آفيس ۾ منعقد ٿيل اعليٰ سطحي گڏجاڻي جي صدارت ڪندي ڪيو. گڏجاڻي ۾ شهر اندر مختلف کاتن جي نگراني هيٺ هلندڙ ترقياتي منصوبن جي اڳڀرائي ۽ انهن جي تڪميل بابت معاملن جو جائزو ورتو ويو.ان موقعي تي ڪمشنر حيدرآباد لاڳاپيل آفيسرن کان ترقياتي منصوبن جي موجوده صورتحال بابت تفصيلي بريفنگ ورتي ۽ هدايت ڪئي ته سمورا ڪاتا پاڻ ۾ سهڪار ۽ گڏيل حڪمت عملي تحت ڪم ڪندي هلندڙ منصوبن کي ترجيحي بنيادن تي مڪمل ڪن. هن واضح ڪيو ته ترقياتي ڪمن جي معيار تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو وڃي ۽ منصوبن جي مسلسل نگراني ذريعي مقرر ڪيل هدف ف پهچن ٿا، ان ڪري عرس کان اڳ ترقياتي منصوبن جي تڪميل ۽ بنيادي شهري سهولتن جي بهتري خاص اهميت رکي ٿي. سمورا لاڳاپيل ادارا پنهنجون ذميواريون سنجيدگي سان ادا ڪن ۽ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي يا غيرضروري دير کان پاسو ڪن.گڏجاڻي ۾ ڊپٽي ڪمشنر جامشورو غضنفر علي قادري، چيف ايڊمنسٽريٽر اوقاف سنڌ مختيار علي ابڙو ايس ايس پي جامشورو ظفر صديق چانگا، چيئرمين ميونسپل ڪميٽي سيوهڻ سيد شهزاد شاه ۽ ڊائريڪٽر سيد عبدالله شاه انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز ڊاڪٽر معين الدين صديقي سميت هاءِ وين بلڊنگز، ورڪس اينڊ سروسز، پبلڪ هيلٿ، پراونشل هاءِ وين، سوئي سدرن گئس ڪمپني، ميونسپل ڪميٽي، پوليس ۽ رونيو کاتن جي لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 32

ڪر جو اهم اجلاس سيد خورشيد احمد شاه هائوس سکر ۾ منعقد ٿيو.اجلاس جي قيادت پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ ۽ قومي اسيمبلي جي ميمبر سيد خورشيد احمد شاه صاحب ڪئي،جڏهن ته اجلاس جي صدارت پاڪستان پيپلز پارٽي سٽي سکر جي صدر ڊاڪٽر ارشد مغل ڪئي،اجلاس ۾ يوم تاسيس جي حوالي سان منعقد ٿيندڙ جلسي جي تيارين،انتظامن ۽ ٻين اهم معاملن تي تفصيلي صلاح مشورو ڪيو ويو.اجلاس ۾ ميمبر نيشنل اسيمبلي نعمان اسلام شيخ، پاڪستان پيپلز پارٽي سٽي سکر جي جنرل سيڪريٽري احسان احمد لاشاري،انفارميشن سيڪريٽري غضنفر انصاري، پيپلز هاري ڪاميٽي طرفان جنرل سيڪريٽري ضلعو سکر عبدالواحد ملڪ، صدر سٽي امتياز احمد جتوئي، جنرل سيڪريٽري سٽي سکر وقار علي پيو، اڳوٽي صدر مشتاق احمد سرهڙيو، سنان اسلام شيخ سميت پاڪستان پيپلز پارٽي سٽي سکر جي سمورن عهديدارن، ٽائون چيئرمينز، وائيس چيئرمينز ۽ ذيلي ونگز جي عهديدارن شرڪت ڪئي،اجلاس ۾ يوم تاسيس جي جلسي کي ڀرپور ۽ ڪامياب بڻائڻ لاءِ گڏيل صلاح مشوري سان مختلف تجويزن ۽ انتظامي معاملن کي حتمي شڪل ڏني وئي.

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

سجاول پرسان شيرازي پائرن جي مان ۾ آجياڻو ڏنو ويو

سيد شفقت حسين شاهه شيرازي اوقاف منسٽر رياض علي شاهه شيرازي ايم اين اي اياز شاهه شيرازي نصير شاهه شيرازي غلام عباس شاهه شيرازي غلام حسين شاهه شيرازي ۽ ٻين جي مان ۾ وڏو آجياڻو

پريس ڪلب سجاول جو جنرل سيڪريٽري امتياز ميمڻ سميت مختلف قومو چانديا جماري ناهيا لغاري سيد آمڙا گرماٽي شيخ ۽ ٻين قومن شرڪت

سيد آمڙا گرماٽي شيخ ۽ ٻين قومن شرڪت ڪئي شيرازي پائرن کي سنڌ جي ثقافت پٽڪا لونگيون ۽ اجرڪون اوڍايون ويو

سجاول) رپورٽ امتياز ميمڻ (سجاول پرسان شيرازي پائرن جي مان ۾ آجياڻو ڏنو ويو سجاول ويجهو ڳوٺ حاجي علي محمد مڄارو ۾ حاجي بصر مڄارو حاجي علم الدين مڄارو طرفان شيرازي گروپ جي سرواڻ سيد شفقت حسين شاهه /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو جي صدارت هيٺ تعلقي ٺٽي جي روينيو آفيسرن ۽ عملي جو اهم اجلاس

حدخلين جي خاتمي، ڳوٺ آباد اسڪيمن، التوا هيٺ عدالتي ڪيسن، پوليو مهم ۽ عوامي مسئلن جي حل سميت مختلف روينيو معاملن جو تفصيلي جائزو

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي ڀاڳت جي صدارت هيٺ تعلقي ٺٽي جي روينيو آفيسرن ۽ عملي جو هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو

التوا هيٺ عدالتي ڪيسن، پوليو مهم ۾ روينيو عملي جي ڪردار ۽ عوامي مسئلن جي حل سميت ٻين اهم معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو جي صدارت هيٺ تعلقي ٺٽي جي روينيو آفيسرن ۽ عملي جو اهم اجلاس، ري رائيٽنگ رڪارڊ آف رائيٽس، حدخلين جي خاتمي، ڳوٺ آباد اسڪيمن، التوا هيٺ عدالتي ڪيسن، پوليو مهم /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

7هين سنڌ ڪاليج گيمز 2026ع: دادو ۾ ڪرڪيٽ ٽيم جي چونڊ لاءِ ٽرائلز، شاگردن ڀرپور صلاحيتن جو مظاهرو ڪيو

جن ۾ استاد بخاري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادو ميزبان ڪاليج طور شرڪت ڪئي

ضلعي جي ٻين ڪاليجن جي شاگردن پڻ وڏي جوش ۽ جذبي سان حصو ورتو

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) 7هين سنڌ ڪاليج گيمز 2026ع جي سلسلي ۾ ڪرڪيٽ ٽيم جي چونڊ لاءِ ٽرائلز 19 نومبر تي پي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

سجاول ۾ تيز رفتار موٽر سائيڪل جو دروازي تي ويٺل معصوم ٻار کي ٽڪر، سخت زخمي، ڪراچي ريفر ڪيو ويو

سجاول جي بخاري محلي جي وارڊ نمبر هڪ ۾ تيز رفتار موٽر سائيڪل جي ٽڪر ۾ گهر جي دروازي تي ويٺل ننڍڙو ٻار حيدر علي ولد علي نواز پناڻ سخت زخمي ٿي پيو

ننڍڙو حيدر علي پنهنجي گهر جي دروازي تي ويٺو هو ته گلي مان تيز رفتار سان ايندڙ موٽر سائيڪل کيس ٽڪر هنيو، جنهن جي نتيجي ۾ ٻار زخمي ٿي پيو

ٻار جي مٿي ۾ ڌڪ لڳڻ سبب سندس حالت ڳڻتي جوڳي ٿي وئي، جنهن بعد کيس وڌيڪ علاج لاءِ ڪراچي ريفر ڪيو ويو

سجاول)رپورٽ امتياز ميمڻ (سجاول ۾ تيز رفتار موٽر سائيڪل جو دروازي تي ويٺل معصوم ٻار کي ٽڪر، سخت زخمي، ڪراچي ريفر ڪيو ويو سجاول جي بخاري محلي جي وارڊ نمبر هڪ ۾ تيز رفتار موٽر سائيڪل جي ٽڪر ۾ گ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

اسڪولن کان ٻاهر ٻارن کي ٻيهر تعليمي نظام ۾ شامل ڪرڻ حڪومت جي اهم ترجيحن ۾ شامل آهي: ڊي سي

جنهن لاءِ لاڳاپيل کاتن، تعليمي ادارن ۽ پائيدار تنظيمن کي گڏيل ڪوششون ڪرڻ گهرجن

ضلعي ۾ تعليمي سڌارن تي عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ سان گڏ اسڪول نه ويندڙ ٻارن جي نشاندهي ڪري کين اسڪولن ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن

سمورن لاڳاپيل آفيسرن، تعليم کاتي جي آفيسرن ۽ مختلف غير سرڪاري تنظيمن (NGOs)جي نمائندن شرڪت ڪئي

مٽياري (رپورٽ محمد حنيف ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد دانش ذاڪر چيو آهي ته تعليم جي بهتري، تعليمي ادارن ۾ سهولتن جي فراهمي ۽ اسڪولن کان ٻاهر ٻارن کي ٻيهر تعليمي نظام ۾ شامل ڪرڻ حڪومت جي اهم ترجيح/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

ملڪ نواز جوکيو کي ڊي سي آفيس ٺٽو اڳيان احتجاجي ڪيمپ تان کڻي گم ڪرڻ خلاف وارثن جو احتجاج

ملڪ نواز جوکيو کي احتجاجي ڪيمپ تان کڻي گم ڪيو ويو آهي، جنهن سبب سندس وارث ۽ ساٿي سخت پريشان آهن

ملڪ نواز جوکيو کي فوري طور ظاهر ڪري آزاد ڪيو وڃي ۽ واقعي ۾ ملوث ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

جيستائين ملڪ نواز جوکيو کي بازياب نه ڪرايو ويندو، تيستائين سندن احتجاج جاري رهندو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ٺٽي ۾ بيروزگار نوجوان اتحاد جي اڳواڻ ملڪ نواز جوکيو کي ڊي سي آفيس ٺٽو اڳيان احتجاجي ڪيمپ تان کڻي گم ڪرڻ خلاف وارثن ۽ بيروزگار نوجوان اتحاد جي ڪارڪنن پاران ڊي سي آفيس ٺٽو اڳيان احتجاجي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

پير مظهرالحق جي پير ڪالوني دادو آمد، مرحوم نور حسين چهواڻ جي پٽن سان تعزيت، ڏک جو اظهار

رضوان علي چهواڻ، شهمير خان چهواڻ ۽ محمد اسلم چهواڻ سان ملاقات ڪري تعزيت ڪئي ۽ گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو

ان موقعي تي پير مظهرالحق مرحوم جي پونئرن سان همدردي جو اظهار ڪندي دعا ڪئي ته الله پاڪ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام ۽ مغفرت عطا فرمائي

وارثن کي هن ڏک جي گهڙي ۾ صبر جميل عطا ڪري، پير مظهرالحق مرحوم جي مغفرت، درجات جي بلندي ۽ پونئرن لاءِ صبر جي دعا پڻ گهري

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) پاڪستان پيپلزپارٽي جي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪميٽي (CEC)جي ميمبر ۽ اڳوڻي سينيئر صوبائي وزير پير مظهرالحق اڄ پير ڪالوني دادو پهچي مرحوم نور حسين چهواڻ جي وفات تي سندس پٽن نادر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

دادو ۾ ٻارڙن جي حقن لاءِ ڪم ڪندڙ سماجي تنظيم چائلڊ رائيٽس ڪاميٽي (CRC)دادو پاران ٻارڙن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي ريلي

دادو ضلعي ۾ سوا ٻه لک ٻار اسڪولن کان ٻاهر هجڻ سبب جبري پورهيو ڪرڻ تي مجبور آهن

آرٽيڪل 25اي تحت 5 کان 16 سالن جي ٻار کي سرڪار پاران هر صورت ۾ تعليم ڏياري ويندي

دادو(رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو ۾ ٻارڙن جي حقن لاءِ ڪم ڪندڙ سماجي تنظيم چائلڊ رائيٽس ڪاميٽي (CRC)دادو پاران ٻارڙن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي اڳوڻي سوشل ويلفيئر ڊپٽي ڊائريڪٽر سيد هدايت علي لڪياري، عنايت جمالي، محمد عرفان ڪلهوڙو، نياز چانڊيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سي آر سي آفيس کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي، اڳواڻن ا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

الطاف حسين لغاري جو ويٽرنري اسپتال ٺٽي جو اوچتو دورو

آفيسرن ۽ ڊاڪٽرن جي غير موجودگي، صفائي سٿرائي جي ناقص صورتحال ۽ عمارت جي زبون حالي تي سخت ڪاوڙ جو اظهار

صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ جي ريجنل ڊائريڪٽر الطاف حسين لغاري ويٽرنري اسپتال ٺٽو جو اوچتو دورو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو)صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ جي ريجنل ڊائريڪٽر الطاف حسين لغاري جو ويٽرنري اسپتال ٺٽي جو اوچتو دورو، آفيسرن ۽ ڊاڪٽرن جي غير موجودگي، صفائي سٿرائي جي ناقص صورتحال ۽ عمارت جي زبون حالي تي س/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

هالا پراڻي ٽائون ڪميٽي ۾ مبينا بدانتظامي خلاف بک هڙتال ٻئي ڏينهن به جاري آهي

هالا پراڻي ٽائون ڪميٽي ۾ مبينا بدانتظامي خلاف بک هڙتال ٻئي ڏينهن به جاري

72 مبينا پرتين ۽ ترقياتي فنڊن جي استعمال وارو معاملو شدت اختيار ڪري ويو

مظاهرين جو ماهوار 52 لک رپين جي بجيٽ باوجود ترقياتي ڪم نه ٿيڻ جو الزام

مٽياري(رپورٽر) هالا پراڻي ٽائون ڪميٽي ۾ مبينا بدانتظامي خلاف بک هڙتال ٻئي ڏينهن به جاري، 72 مبينا پرتين ۽ ترقياتي فنڊن جي استعما/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

سنڌ حڪومت جي ترجمان سک ديو هيمناڻي جو وزير دفاع خواجا آصف جي بيان تي سخت ردعمل

خواجا آصف جهڙا وزير شهباز شريف حڪومت لاءِ مشڪلاتون پيدا ڪن ٿا

حڪومت جي هر غير جمهوري ۽ غير آئيني قدم سان اختلاف ڪندا رهنداسين

سکر(رپورٽر)سنڌ حڪومت جي ترجمان سک ديو هيمناڻي جو وزير دفاع خواجا آصف جي بيان تي سخت ردعمل تفصيل موجب سنڌ حڪومت جي ت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

محسن نقوي ۽ سرڪاري ايم ڪيو ايم سنڌ جي وجود پويان لڳي ويا آهن: ڊاڪٽر قادر مگسي

اها سازش ضياء جي دور کان هلي پئي پر اسان پنهنجي ڌرتي ماءُ جي حفاظت لاءِ هلون پيا

ڪنهن کي ميري اک سان ڏسڻ نه ڏينداسين ٽنڊوالهيار ۾ شهيد الطاف جسڪاڻي جي 6هين ورسي کي خطاب

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ايس ٽي پي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي چيو آهي ته محسن نقوي ۽ سرڪاري ايم ڪيو ايم سنڌ جي وجود پويان لڳي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

ساجد علي نقوي پاران نوابشاهه جي ناليواري اديب ۽ صحافي فياض چند ڪليري جي وفات تي تعزيت جو اظهار

مرحوم جي فرزند علي حيدر ڪليري ۽ سموري سوڳوار خاندان سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار

نوابشاهه (رپورٽر)اسلام آباد: قائد ملت جعفريه پاڪستان علامه سيد ساجد علي نقوي، نوابشاهه جي معروف اديب، دانشور ۽ سينئر صحافي فيا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

اوڏيرو لال ۾ ضمني اليڪشن چهچٽو عروج تي سياسي سرگرميون جاري

اليڪشن ڪميشن تياريون مڪمل ڪيون ويون

يونين ڪائونسل 29اوڏيرو لال وليج ۾ 22 نومبر ٿيندڙ اليڪشن دوران 12 پولنگ اسٽيشن قائم ڪيا ويندا

اوڏيرولال (رپورٽ غلام نبي چنو)اوڏيرولال ۾ ضمني اليڪشن چهچٽو عروج تي سياسي سرگرميون جاري اليڪشن ڪميشن تياريون مڪم/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن ٿرپارڪر سول اسپتال مٺي ۾ ٽوڪن هڙتال

اعلي حڪام کان اهو مطالبو ڪيو ويو ته سريش ڪمار جي پٽ جي قاتلن کي قانوني ڪٺهڙي ۾ آندو وڃي

مير مرتضي بجير شولعل مصراني رسول بخش جوڻيجو ۽ سڄي اسٽاف شرڪت

مٺي (ڊ. ر محمدرحيم مگريو) ڪلهه شام جو چيلهار پرسان ڳوٺ آڪاڻي ۾ قتل ٿيل سريش مينگهواڙ ۽ سندس پٽ لوڪمار جي قتل خلاف ينگ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

JORDANسيڪنڊري اسڪول ٻچل خان رند پاران STREAM Exhibition Journeyمنعقد

ٽيڪنالاجي جي شعبن سان لاڳاپيل مختلف تخليقي ۽ جديد منصوبا (Projects)نمائش لاءِ پيش ڪيا ويا

هن نمائش ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (SEF)جي سهڪار سان جوهي ۾ هلندڙ مختلف اسڪولن ڀرپور شرڪت

جوهي(رپورٽ رحيم بخش ميمڻ) JORDANسيڪنڊري اسڪول ٻچل خان رند پاران STREAM Exhibition منع/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

اسلام پور محلي ۾ پلاٽ تي مبينا قبضي، منشيات جي وڪري ۽ تشدد خلاف عورت جو احتجاج

سندس سهري اميد علي ميمڻ ولد عثمان ميمڻ جي ملڪيت جي ورهاست ٿيل آهي

سبيل لاءِ مليل پلاٽ تي سندس سهري جو ڀاءُ رشيد ميمڻ زبردستي ڪيبن قائم ڪري قبضو ڪيو آهي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) اسلام پور محلي ۾ پلاٽ تي مبينا قبضي، منشيات جي وڪري ۽ تشدد خلاف عورت جو ايوان صحافت پريس ڪلب ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

22 مارچ تي ڪراچي ۾ سنڌ جي وحدانيت، وسيلن ۽ حقن جي تحفظ لاءِ ريلي ڪڍي ويندي: شبير احمد جمالي

1973ع جي آئين جي آڙ ۾ سنڌ جي وحدانيت، خودمختياري ۽ وسيلن بابت اهڙا فيصلا ڪيا پيا وڃن

جيڪي سنڌ جي عوام لاءِ ڳڻتي جو سبب بڻيل آهن

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) 22 مارچ تي ڪراچي ۾ سنڌ جي وحدانيت، وسيلن ۽ حقن جي تحفظ لاءِ ريلي ڪڍي ويندي، عوام ڀرپور شرڪت ڪري: مرڪز/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

چيلهار پرسان ڳوٺ آڪاڻي ۾ ڪالهه شام جو ٿيل ٻٽي قتل جو ڪيس 8 ڄڻن تي داخل

7 ڪوسا ۽ هڪ مهراج شامل، سڀ جوابدارن جي گرفتاري نه ٿيڻ تائين ڌرڻو جاري رکڻ جو اعلان

مظاهرين طرفان واقعي ۾ ملوث سڀ جوابدارن جي گرفتاري تائين ڌرڻو جاري رکڻ جو اعلان ڪيو ويو

مٺي(ڊ. ر محمدرحيم مگريو): خبر موجب چيلهار پرسان ڳوٺ آڪاڻي ۾ ڪالهه شام جو ٿيل ٻٽي قتل جو ڪيس 8 جوابدارن تي فريادي فرسر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب10

سجاول پرسان جاتي روڊ لڳ درگاهه سخي بادشاهه جو 723هون ساليانو ميلو چار ڏينهن تائين وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

جيڪو گذريل رات پڄاڻي تي پهتو ميلي ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جي مختلف علائقن مان هزارين عقيدتمندن، زائرين ۽ شهرين شرڪت

ميلي جو افتتاح شيرازي گروپ جي سرواڻ اڳوڻي ضلعي ناظم سيد شفقت حسين شاهه شيرازي ۽ پ پ پ ايم اين اي سيد اياز علي شيرازي ڪيو

ميلي جو انتظام درگاهه جي گادي نشين سليمان خليفو ۽ رياض خليفو پاران ڪيا ويو

سجاول (رپورٽر) سجاول پرسان جاتي روڊ لڳ درگاهه سخي بادشاهه جو 723هون ساليانو ميلو چار ڏينهن تائين وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو، جيڪو گذريل رات پڄاڻي تي پهتو ميلي ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جي مختلف علائقن مان /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

سجاول پرسان جاتي روڊ لڳ درگاهه سخي بادشاهه جو 723هون ساليانو ميلو چار ڏينهن تائين وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

ڀان سيد آباد ۾ ڪي ٽي اين ۽ ڪاوش پاران اعلان ڪيل ايڪتا ڏهاڙي جي حوالي سان جاڳرتا ريليون ڪڍڻ جو سلسلو جاري

گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ سوين شاگردن جي شرڪت، سنڌي ثقافت سان محبت ۽ ايڪتا جو اظهار

ايڪتا ڏهاڙو ڀرپور جوش ۽ جذبي سان ملهائڻ لاءِ شهر جي مختلف تعليمي ادارن ۾ جاڳرتا ريليون ڪڍڻ جو سلسلو جاري آهي

نجم الدين پنهور جي اڳواڻي ۾ سوين شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران شاندار جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي

سيوهڻ (رپورٽر) ڀان سيد آباد ۾ ڪي ٽي اين ۽ ڪاوش پاران اعلان ڪيل ايڪتا ڏهاڙي جي حوالي سان جاڳرتا ريليون ڪڍڻ جو سلسلو جاري، گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ سوين شاگردن جي شرڪت، سنڌي ثقافت سان محبت ۽ ا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

ڊي آءِ جي حيدرآباد، ڪمشنر حيدرآباد ۽ ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو جو ايس ايس پي آفيس ڄامشورو جو دورو

شاندار استقبال، يادگارِ شهدا تي گلن جي چادر چاڙهي وئي، نئين تعمير ٿيل ڪانفرنس هال جو افتتاح

شهيد پوليس اهلڪارن جون قربانيون اسان سڀني لاءِ مشعلِ راهه آهن، جن کي هميشه ياد رکيو ويندو

ڄامشورو(رپورٽر)ڊي آءِ جي حيدرآباد، ڪمشنر حيدرآباد ۽ ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو جو ايس ايس پي آفيس ڄامشورو جو دورو، شاندار استقبال، ياد گ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

ضلعي ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي هلندڙ قسط ۾ ڊوائيسز هولڊرن جون من مستيون انتظاميه خاموش

ٽنڊو محمد خان بينظيرانڪم سپورٽ جي هلندڙ قسط ۾ سرعام ڪٽوتيون پر عوام جي دانهن جي باوجود به ڪٽوتي نه رڪجي سگهي

انتظاميا سميت ڊوائيسز هولڊر جا اتي ويٺل ايجنٽن جون موجون نه ڪو قانون آهي نه ڪو پڇڻ وارو هر ڪو پنهنجي ڏنڊي کي لڳو پيو

هي ڪٽوتي نه رڪجي آهي نه رڪندي ضلعي انتظاميه خبر هوندي ڪا به ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي

ٽنڊومحمد خان (رپورٽر)ضلعي ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي هلندڙ قسط ۾ ڊوائيسز هولڊرن جون من مستيون انتظاميه خاموش. ٽنڊو محمد خان بينظيرانڪم سپورٽ جي هلندڙ قسط ۾ سرعام ڪٽوتيون پر عوام جي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

مستحق عورتن جي قسطن مان مبينا ڪٽوتين واري معاملي ۾ ڊوائز هولڊرن خلاف ڪارروائي

سوال هيٺ آهي، پر اصل ذميواري جيز ڪيش فرنچائزي تي عائد ٿئي ٿي، جنهن بابت سنگين الزام سامهون اچي رهيا آهن

فرنچائزي هر قسط تي هڪ ڊوائز ذريعي مبينا طور 2 کان 3 لک رپين تائين وصولي ڪري ٿي

ٺيڪيدار ڊوائز هولڊرن کان فرنچائزي جا فرنٽ مين في ڪارڊ 300 رپيا وصول ڪن ٿا

سانگهڙ (رپورٽر)سانگهڙ ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي مستحق عورتن جي قسطن مان مبينا ڪٽوتين واري معاملي ۾ ڊوائز هولڊرن خلاف ڪارروائي ته سوال هيٺ آهي. پر اصل ذميواري جيز ڪيش فرنچائزي تي عائد ٿئي ٿي، جنهن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

عادلپور ويجهو ڳوٺ خاوند بخش مهر واسين جو پوليس اهلڪار خلاف احتجاج

عادلپور (رپورٽر) عادلپور ويجهو ڳوٺ خاوند بخش مهر جي رهواسين جو نيشنل پريس ڪلب عادلپو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

پي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي اميدوارن جي درخواست تي ٻڌڻي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران آءِ بي اي جي پي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي ۾ 33 کان 39 /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

سانگهڙ: پوليس جي ڪارروائي ۾ گرفتار ٿيل جوابدارن جو ڏيک

سانگهڙ ۾ چرس جي 04 ڊيلرن، ٻين 07 منشيات فروشن ۽ 02 روپوش جوابدارن سميت 19 جوابدار گرفتار

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي امدادي رقم مان زبردستي ناجائز ڪٽوتي ڪرڻ تي 06 ڊوائيس هولڊرن خلاف ڪارروائي

سڄي ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي حدن ۾ ڏوهاري عناصرن خلاف ڀرپور ڪارروايون ڪيون ويون

ايس ايڇ او کاهي محمد شريف جمالي ڦرجي ٻن ڪيسن ۾ نامزد روپوش جوابدار در محمد راڄڙ کي 1100 گرام چرس سميت گرفتار ڪري ورتو

سانگهڙ (رپورٽر)سانگهڙ ۾ چرس جي 04 ڊيلرن، ٻين 07 منشيات فروشن ۽ 02 روپوش جوابدارن سميت 19 جوابدار گرفتار 03 ڪلو کان وڌيڪ چرس ۽ سوين پڙيون گٽڪو هٿ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي امدادي رقم مان زبردستي ناجائز/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

جهلوري جي رهواسي محبوب علي شر ولد زاهد علي شر ايوان صحافت ميرپورخاص ۾ احتجاج

متاثر نوجوان موجب نه کيس سرڪاري نوڪري ڏني وئي ۽ نه ئي سندس رقم واپس ڪئي وئي

اسد الله مهر خلاف قانوني ڪارروائي ڪري کيس انصاف فراهم ڪيو وڃي

اسد الله مهران کان اڳ به سرڪاري وڻ ڪٽرائڻ واري معاملي تي اينٽي ڪرپشن جي ڪيس ۾ ڪارروائي هيٺ آهي

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ) جهلوري جي رهواسي محبوب علي شر ولد زاهد علي شر ايوانِ صحافت ميرپورخاص ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته داروغي ايريگيشن اسد الله مهر سرڪاري نوڪري ڏيارڻ جي بهاني ڪانئس ساڍا پنج /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

جهلوري جي رهواسي محبوب علي شر ولد زاهد علي شر ايوانِ صحافت ميرپورخاص ۾ احتجاج ڪندي

قمبر ۾ وڪيل يحيٰ چڇڙو تي حملي جا جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج

قمبر (رپورٽر) قمبر جي ڳوٺ چڇڙا جي رهواسي وڪيل يحيٰ چڇڙو تي ٿيل حملي ۽ پوليس/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

راڻيپور ۾ ڳوٺ نئون ڳوٺ پناڻو واسي جو انصاف لاءِ احتجاج

راڻيپور (رپورٽر) راڻيپور ڳوٺ نئون ڳوٺ پناڻو جو رهواسي ڳوٺاڻو منير احمد ٽنيو پريس ڪلب سوڀو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

سيوهڻ شهر ۾ ڪمشنر حيدرآباد فياض حسين عباسي جو دورو، سيوهڻ شهر ۾ هلندڙ ترقياتي ڪمن بابت گڏجاڻي

ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد فياض حسين عباسي لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن کي هدايت ڪئي

حضرت لعل شهباز قلندر جي سالياني عرس مبارڪ کان اڳ سيوهڻ شريف ۾ هلندڙ سمورا ترقياتي منصوبا مقرر مدي اندر مڪمل ڪيا وڃن

سيوهڻ (رپورٽر)سيوهڻ شهر ۾ ڪمشنر حيدآباد فياض حسين عباسي جو دورو، سيوهڻ شهر ۾ هلندڙ ترقياتي ڪمن بابت گڏجاڻي. تفصيل موجب ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد فياض حسين عباسي لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن کي هدايت ڪئي آهي ته حضرت لعل شهباز قلندر جي سالياني عرس مبارڪ کان اڳ سيوهڻ شريف ۾ هلندڙ سمورا ترقياتي منصوبا مقرر مدي اندر مڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31

پيپلز پارٽي جي 59 هين يوم تاسيس جي سلسلي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي سٽي سکر جو اهم اجلاس

پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ ۽ قومي اسيمبلي جي ميمبر سيد خورشيد احمد شاهه صاحب ڪئي

اجلاس جي صدارت پاڪستان پيپلز پارٽي سٽي سکر جي صدر ڊاڪٽر ارشد مغل ڪئي

سکر(رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي 59 هين يوم تاسيس جي سلسلي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي سٽي سکر جو اهم اجلاس تفصيل موجب پاڪستان پيپلز پارٽي جي 59 هين يوم تاسيس جي سلسلي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي سٽي س/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر32